# ذبح ۽ شڪار

(سنڌي زبان ۾)

مصنف

**مخدوم محمد هاشم ٺٽوي**

جديد صورتخطيءَ ۾ آڻيندڙ

**فقير محمد اسماعيل ڪنڀار ٺٽوي**






سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

2010ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (152)


سڀ حق ۽ واسطا محفوظ


**ذبح ۽ شڪار**

| | |
|---|---|
| مصنف: | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي |
| جديد صورتخطيءَ ۾ آڻيندڙ: | فقير محمد اسماعيل ڪنڀار ٺٽوي |
| پهريون ڇاپو: | 2010ع |
| تعداد: | 500 |
| قيمت: | 100/= روپيا |

**Catalogue Reference**
Thatvi, Makhdoom Muhammad Hashim
Zebeh Aen Shikar
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-54-3

**ZEBEH AEN SHIKAR** **(Sindhi)**

| | |
|---|---|
| By: | Makhdoom Muhammad Hashim Thatvi |
| Edited by: | Fakeer Muhammad Ismail Kumbhar Thatvi |
| Edition: | First 2010 |
| Quantity: | 500 |
| Price: | 100/- |
| Composed by: | Pervaiz Niaz & Ihsan Laghari |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary,<br>Sindhi Language Authority,<br>Hyderabad,<br>National Highway, Hyderabad, Sindh, |

71000, Pakistan.

| | |
|---|---|
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printer: | Sindhu Publications, Hyderabad. |

هيءُ ڪتاب، تاج جويي، سيڪريٽري، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ميشرس سنڌو پبليڪيشنز، حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.





# ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ گذريل ٽن سالن کان هلندڙ هڪ اسڪيم جي حصي تحت قديم سنڌيءَ ۾ لکيل/ ڇپيل مذهبي ڪتابن کي جديد صورتخطيءَ ۽ ٻوليءَ ۾ آڻي ڇپرائڻ جي رٿا شامل آهي. انهيءَ ڏس ۾ هن کان اڳ ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. گذريل سال مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا ٻه ڪتاب. ’فرائض الاسلام‘ ۽ ’راحت المؤمنين‘ (اصل فارسيءَ مان سندس فرزند پاران سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل) ڇپيا ويا هئا ۽ هاڻي سندس ٽيون ڪتاب ”ذبح ۽ شڪار“ ڇاپي رهيا آهيون، جيڪو فقير محمد اسماعيل ڪنڀار ٺٽويءَ جديد ٻوليءَ ۽ صورتخطيءَ ۾ آندو آهي، جنهن جو هڪ سادو ڇاپو هن خود به ڇپايو هو.

هن اسڪيم جي لاءِ اڳوڻي بورڊ آف گورنرس پاران ڏنل جواز ۾ چيو ويو آهي ته ’ڇاڪاڻ ته اهي سنڌيءَ جا ابتدائي ڪتاب آهن ۽ جن موضوعن تي لکيل آهن، اهي اسلامي اهميت جا هئڻ جي ڪري هميشه لاءِ مسلمانن جي رهنمائيءَ جو ڪارڻ رهندا، ان ڪري انهن کي ڇپائڻ سان هڪ طرف ٻوليءَ جي خدمت ٿيندي ته ٻئي طرف اسلام جي!‘

مولوي ابوالحسن جي سنڌي ڪتاب ’مقدمة الصلواة‘ کان هن ڪتاب تائين اٿارٽيءَ پاران ڪيترائي اهڙا ڪتاب ڇاپيا ويا آهن، جن جي جيڪڏهن
’مارڪيٽ ويليو‘ نه آهي، ته به ’سماجي ۽ تاريخي ويليو‘ ضرور آهي ۽ هي ڪتاب اسلامي فرضن ۽ احڪامن جي ڏس ۾ رهنمائي ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙن لاءِ لاڀائتا ثابت ٿي سگهن ٿا.

حيدرآباد، سنڌ

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
چيئرپرسن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

# انتساب

اُنهن جي نالي،

جن پنهنجيون حياتيون

اسلام جي خدمت ۽

مسلمانن جي ڀلائيءَ ۽

فلاح لاءِ وقف ڪيون.





# عرض حال

هيءُ ڪتاب ”ذبح ۽ شڪار“ اسان جي پياري سنڌ جي مشهور معروف اولياءَ الله ۽ تاج العلماء حضرت مخدوم محمد هاشم ڀنهور ٺٽويءَ جو لکيل آهي. گهڻي عرصي کان پوءِ ڪن خدا جي نيڪ بندن هن ڪتاب کي وري ٻه ڇپرائي عام ماڻهن جي ڄاڻ لاءِ شايع ڪيو پر اهو ٻه ناپيد ٿي چڪو هو تنهن لاءِ اسان خيال ڪيو ته هن ڪتاب کي زنده رکڻ لاءِ هڪ ڀيرو وري ٻه ڇپائي شايع ڪيو وڃي. جيئن ته ساري سنڌ جي مسلمانن کي معلوم آهي ته آءٌ فقير محمد اسماعيل ڪنڀار ٺٽوي ۽ منهنجو رفيق حاجي عبدالحسين وينجهر ٺٽوي ٻئي ڄڻا 1973ع کان هن ديني ڪم لاءِ ڪوشان رهيا آهيون. گذريل وقت ۾ اسان جيڪي ديني ڪتاب عام مسلمانن ۾ مفت ورهائي چڪا آهيون، تن جو تعداد لکن کي پهچي ويندو، مگر جيڪي ڪتاب اسان لکي ڇپرائي مفت تقسيم ڪيا آهن، تن جا نالا هي آهن:

(1) بناءَ الاسلام عرف بنياد الايمان (2) جمال حبيب ﷺ (3) برڪات الصلواة (4) نماز مترجم (5) قرآني دعائون (6) سورة ياسين جو سنڌيءَ ۾ ترجمو. ان کان سواءِ ”روزي جي حقيقت“ ٻه ڇپجي چڪو آهي.

اسان کي نه انهيءَ ڳالهه تي ڪو فخر يا تڪبر آهي، ۽ نه وري نالي ڪڍائڻ جي ڪا خواهش آهي. اسان وارو حال اهو آهي جو پنهنجي گناهن جي بخشش لاءِ معذور ۽ مجبور آهيون. تنهن لاءِ سڀني کي اسان جو عرض آهي ته جيڪي مؤمن مسلمان مرد يا عورتون اسان جي هنن ڪتابن مان ڪجهه نفعو حاصل ڪن ته اُهي اسان جي حق ۾ دعا گهرن ته الله پاڪ اسان جي هن ادنيٰ ۽ عاجزانه محنت کي قبول فرمائي.

توهان جي دعائن جا طلبگار

**حاجي عبدالحسين**

ولد حاجي علي محمد وينجهر ٺٽوي

۽ **فقير محمد اسماعيل**

ولد مياڄي محمد حسين ڪنڀار ٺٽوي

# پيش لفظ

هن ننڍڙي ڪتاب ۾ ٻه باب آهن: هڪ ذبح يعني حلال ڪرڻ جي مسئلن جو باب ۽ ٻيو شڪار جي مسئلن بابت، ته جيئن مسلمانن کي حلال ۽ حرام جي ڄاڻ ٿئي ۽ حلال ۽ مُردار جي صحيح خبر پوي. هيءُ ڪتاب موضوع تي مڪمل ڪتاب آهي. هن ڪتاب جي غور سان مطالعي ڪرڻ بعد عام ۽ خاص کي انشاءَ الله تعاليٰ شڪار ۽ ذبح ڪرڻ جي اعليٰ بصيرت حاصل ٿيندي. هي ڪتاب نه صرف عوام الناس لاءِ بلڪ علمي دنيا ۽ عالمن لاءِ به ڪنزالذخائر ثابت ٿيندو. اميد ته سنڌي مسلمان پائر هن ڪتاب مان پورو پورو فائدو حاصل ڪري، اسان کي دعاءِ خير سان ياد ڪندا.

**ـ فقير محمد اسماعيل ڪنيار نٽوي**





# باب پهريون

ڄاڻڻ گهرجي ته شريعت محمديءَ مطابق جانور جو ذبح ڪرڻ جائز آهي، ڇاڪاڻ ته خود خالق ۽ مالڪ الملڪ جو ارشاد آهي ته:

**خلق لكم ما في الارض جميعا**

يعني: ’جو ڪجهه به زمين ۾ پيدا ڪيو ويو آهي،
سو سڀ انسانذات جي فائدي لاءِ خلقيو ويو آهي.‘

جهڙيءَ طرح ڏوهيءَ يعني مجرم تي شرعي حد قائم ڪرڻ يا سچي شاهدي ڏيڻ ۽ قاتل کي قتل جي سزا ڏيڻ ۾ رحم ڪرڻ نه گهرجي، اهڙيءَ طرح حلال جانور کي ذبح ڪرڻ يعني ڪهڻ ۾ ڪوبه گناهه ڪونهي ۽ نه ان تي ڪو رحم اچڻ جو سوال آهي. اهڙن حڪمن تي توهان کان ڪابه پڇا ڳاڇا نه ٿيندي، جن جو حڪم شريعت سڳوريءَ پاڻ ڏنو آهي.

حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پاڻ حج جي موقعي يا عيد قربان جي ڏينهن ۾ پنهنجي مبارڪ هٿن سان حلال جانور ذبح ڪيا آهن. ان ڪري سڀني مسلمانن کي حلال جانور جي ذبح ڪرڻ جي مڪمل اجازت آهي. اهي سڀ الله تعاليٰ جا پنهنجي ٻانهن تي احسان ۽ انعام آهن. ڪن موقعن تي ته جانور خود حضور صلي الله عليه وسلم جن ڏي شوق سان اڳتي وڌي ايندا هئا ته جيئن حبيب خدا جن پهريائين اسان کي ذبح ڪن ته سندن مبارڪ هٿن جي برڪت اسان کي نصيب ٿئي. حلال جانور جو گوشت مسلمانن کي کائڻ جائز ۽ حلال آهي.

حضرت اسماعيل عليه السلام جن مڪي معظم ۾ جڏهن رهندا هئا ته سندن گذران ئي شڪار جي حلال جانورن تي هوندو هو. اهڙيءَ طرح

الله تعاليٰ مسلمانن لاءِ حلال جانورن کي رزق بنايو آهي. اهي سڀ الله تعاليٰ جا پنهنجي بندن تي وڏا احسان آهن. ها، بنا ضرورت، خوامخواه، ڪنهن بہ حلال جانور کي ذبح ڪرڻ مڪروهہ آهي.

حديث نبويءَ ۾ اهڙا ارشاد آيل آهن، تہ بنا ضرورت ۽ بنا ڪنهن عذر جي خوامخواه رونشو ڪري ڪنهن حلال جانور کي ذبح نہ ڪريو نہ تہ ان جو حساب الله تعاليٰ وٽ روز محشر ۾ ڏيڻو پوندو. پر گهرج ۽ ضرورت وقت حلال جانور کي ذبح ڪري، سندس گوشت کائڻ ۽ کل کي ڪنهن ڪم ۾ ڪتب آڻڻ جائز آهي. مگر حلال جانور جو رت پيئڻ يا استعمال ڪرڻ حرام آهي. ڪوبہ حلال جانور جيڪڏهن بغير ڪهڻ جي پنهنجي قدرتي موت سان مري ويو تہ شرع موجب اهو کائڻ حرام آهي. ان کي فقط کڏ کٽي ان ۾ دفن ڪري ڇڏجي، اگر ان جو گوشت پنهنجي پاليل ڪتي يا باز کي کارايو ويو تہ سخت گناهہ آهي.

(قنايہ)

## ذبح جو بيان

ذبح اختياريءَ جي معنيٰ آهي، حلال جانور کي پنهنجي وس يا پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪهڻ يا ذبح ڪرڻ. اهو تڏهن جائز آهي، جڏهن حلال جانور کي ذبح ڪرڻ وقت ڪهڻ وارو شخص الله پاڪ جو نالو وٺي ذبح ڪري يعني 'بسم الله، الله اڪبر' چئي ذبح ڪري، جنهن جي معنيٰ آهي تہ: هي ڪهڻ شروع ڪريان ٿو الله اڪبر جي نالي سان. جانور جو منهن قبلي طرف رکڻ گهرجي. ذبح ڪرڻ واري شخص کي گهرجي تہ ڪاتي يا ڇُري تمام تيز ڪري پوءِ ذبح ڪري. جانور جي نڙيءَ جون چار ئي رڳون ڪپجي وڃن. نڙي سيني ۽ ڄاڙين جي وچ واريءَ جاءِ کي ڪونيو وڃي ٿو. اها سموري ڪهڻ جي جاءِ آهي، مگر اصلي ڪهڻ جو هنڌ ڄاڙين جي هيٺان آهي، جنهن کي عام طرح "ڳرڻ" چوندا آهن. ٻنهي ڄاڙين هيٺ نڙيءَ ۾ جيڪا ڳنڍ ٿيندي آهي، تنهن کان هيٺ ڪهڻ گهرجي، جيئن اها ڳنڍ مٿي منڍيءَ جي طرف رهي، نہ وري سيني جي طرف، پر جيڪڏهن اها ڳنڍ سيني جي طرف رهجي ويئي تہ ان ڪُٺل جانور جي حلال هجڻ ۾ علمائن





سڳورن جو اختلاف آهي، مگر صحيح قول اهو آهي تہ اهڙو ڪُٺل جانور بہ حلال ۾ ليکيو ويندو. جيتوڻيڪ (زيلعي فتاويٰ سمرقنديءَ) مان نقل ڪيل روايت مطابق اهڙي حلال ڪيل جانور کي حرام چيو آهي، مگر ساڳئي شخص پوءِ وري ان کي حلال چيو آهي ۽ شڪ جي ڪري حلال جي قول ڏي ضعف جو اظهار ڪيو آهي. مگر علامہ رُستغني ۽ القانيؒ اهڙي جانور کي حلال ۽ مباح چيو آهي.

علامہ شاميؒ بہ انهيءَ ڪٺل جانور جي باري ۾ ڪو قطعي فيصلو صادر ڪرڻ کان هٽي، اهڙي ڪٺل جانور جو سمورو دارومدار انهن چئن رڳن جي ڪپجڻ تي رکيو آهي. ساڳئي هنڌ تي (تحرير المختار) ۾ عناية کان نقل ڪري لکي ٿو تہ:

اِنَّ الْاَوْدَاجَ مِنَ الْقَلْبِ اِلَيَ الدِّمَاغِ

يعني: ڪهڻ واريون اهي رڳون دل ۽ دماغ تائين آهن.

حديث شريف ۾ (عموم بلويٰ) جي لفظ جي لحاظ سبب فتويٰ ڏيڻ واري عالم تي لازم آهي تہ عام ماڻهن تي 'الدين يسر' يعني 'دين سهوليت آهي'، موجب آسانيءَ جو دروازو کليو رکي ۽ سندن پيارو مال حرمت جي قلم هيٺ نہ آڻي. جيئن عام مسلمانن کي اهڙيءَ تڪليف ۾ نہ آڻي. مگر مسلمانن کي گهرجي تہ ڄاڻي واڻي ائين نہ ڪن. چئن رڳن جو وڍجڻ ضروري آهي. اهي رڳون هي آهن:

(1) نڙگهٽ، جنهن مان جانور ساهہ کڻي ٿو. (2) ڦوڪڻي، جنهن مان جانور گاهہ ۽ پاڻي کائي ۽ پئي ٿو. (3) بہ اهي رڳون، جيڪي نڙگهٽ جي ٻنهي پاسن کان ڪنن جي هيٺان آهن، جن ۾ خون جو دورو هلندو رهي ٿو. اهي چار ئي ضروري ڪپجڻ گهرجن. ذبح يا ڪهڻ جا چوڏهن شرط آهن، اهي هي آهن:

## ذبح جو پهريون شرط

مٿي ڄاڻايل چار ئي رڳون جانور جون حلال ڪرڻ واري شخص کي ڌيان سان ڪپڻ گهرجن، پر جيڪڏهن اتفاق سان ٽي رڳون ڪپجي ويون ۽ چوٿين رڳ رهجي ويئي تہ اهڙو ڪٺل جانور بہ حلال آهي ۽ ان جو کائڻ

جائز آهي، پر جيڪڏهن کهندڙ کان ڄاڻي ٻجهي يا ويسر ۽ غلطيءَ سبب بہ رڳون رهجي وڃون تہ اهڙو ڪُٺل جانور مطلق حرام آهي ۽ ان جو کائڻ هرگز جائز ناهي.

## ذبح جو ٻيو شرط

کهڻ يا حلال ڪرڻ وقت جانور ۾ حياتيءَ جا آثار هجڻ ضروري آهن، پوءِ اهي زياده هجن يا گهٽ، مگر اهو يقين ٿئي تہ جانور ۾ اڃا ڪجهہ ساهہ آهي. مگر جيڪڏهن صفا مئل جانور کي تڪبير وجهي کهي ڇڏيائين تہ اهو جانور مُطلق حرام آهي ۽ ان جو کائڻ ناجائز آهي. ڪوبہ جانور اگر ڦاهيءَ ۾ ڦاسي، ٻوساتجي مري ويو يا کوهہ ۾ ڪري مري ويو يا ڪنهن ڦاڙيندڙ مرونءَ يا ٻئي جانور کيس ماري وڌو آهي يا ڪنهن مٿاهينءَ جاءِ يا جبل تان ڪري تڙڦي تڙڦي مري ويو يا ٻئي جانور کيس سڱ هڻي ماري وڌو تہ اهڙا سيئي مئل جانور حرام آهن. پر جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل حالتن واري جانور ۾ ٿورو ئي ساهہ يا حياتي آهي تہ ان کي ضرور کهڻ گهرجي، ۽ اهڙي ڪُٺل جانور جو گوشت کائڻ حلال آهي. اگر ڪنهن جانور کي بگهڙ ڦاڙي اُن جا آنڊا ٻاهر ڪڍي وڌا آهن ۽ تمام ٿورو ساهہ منجهس آهي تہ يڪدم بنا دير کيس ڪُهڻ گهرجي. کهڻ کان پوءِ ان جو گوشت کائڻ حلال آهي. مگر اهڙي جانور لاءِ هي شرط سخت ضروري آهي تہ ان جي سسي يا منڍيءَ انهيءَ جانور جي ڌڙ سان موجود هجي، پر جي منڍي ڌڙ سان مليل ناهي تہ اهڙو جانور پلي ڦٿڪندڙ حالت ۾ بہ ملي تہ بہ حلال ٿي نٿو سگهي. اگر ڪنهن جانور کي اوچتو اهڙي مرض اچي ورايو آهي جنهن ۾ ان جو زنده رهڻ محال سمجهيو وڃي ٿو بلڪ ان جي حياتيءَ ۾ فقط نالي ماتر نشاني نظر اچي ٿي، جيئن تہ هو دانهن بہ نٿو ڪري سگهي، نڪي چري پري ٿو يا حرڪت بہ نٿو ڪري تہ ان جي مئل يا حيات هجڻ جي ڪابہ خبر نٿي پوي تہ اهو جانور حلال نٿو ٿي سگهي. ان جا هي چار مسئلا آهن:

**مسئلو** (1):

جيڪڏهن ڪا مادي جانور ڏڪي آهي تہ ان کي کهڻ کان اڳ ان جي پيٽ کي ڦاڙي ان جو ڦر جيئرو ڪڍي، ان کي ذبح ڪري، پوءِ ان جي ماءُ





ڪي ڪُهو ويو مگر کهڻ وقت يعني پيٽ ڦاڙڻ کان پوءِ ان ۾ ايتري حياتي نظر نٿي اچي تہ هوءَ ڪا جيئري آهي تہ اها مادي ڪُٺل حرام آهي. يا وري پيٽ ڦاڙڻ کان اڳ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ پيٽ چيرڻ کان پوءِ هيءَ جيئري رهي نہ سگهندي تہ اهڙي جانور جو کهڻ ۽ ان جو گوشت کائڻ حرام آهي، پر جيڪڏهن اهڙي جانور جو پيٽ اهڙيءَ ترتيب سان يا قابليت سان چيريو ويو آهي، جو ان جانور جي حياتيءَ کي نقصان پهچڻ جو ڪوبہ انديشو ناهي ۽ پيٽ چيرڻ بعد بہ هو باقاعدي حيات آهي تہ اهڙي جانور جو کهڻ ۽ سندس گوشت کائڻ مباح ۽ حلال آهي.

ڪتاب "تلقيح" ۾ آهي تہ اگر ڪنهن ڪافر جو هڪ جانور آهي، تنهن کي اوچتي ڪا اهڙي بيماري اچي ٿي آهي، جو مرڻ کي ويجهو وڃي پهتو آهي، پوءِ ان ڪافر ڪنهن مسلمان کي سڏي چيو تہ: تون اول هن جانور جو پيٽ چير، پوءِ پلي هن کي حلال ڪر يعني ذبح ڪري ڇڏ ۽ انهيءَ مسلمان انهيءَ جانور کي اهڙيءَ طرح بسم الله، الله اڪبر چئي کهي وڌو، تنهن هوندي بہ اهو جانور حرام آهي ۽ ان جو گوشت کائڻ نہ گهرجي، ڇو جو هڪ تہ هو اڳئي بيمار هو وري هن جو پيٽ ڦاڙيو ويو تہ يقيناً هن ۾ حياتيءَ جو شبهو ڪرڻ بہ غلطي آهي.

**مسئلو** (2):

جيڪڏهن ڪنهن مسلمان پنهنجي شڪار وقت جانور کي زخمي ڪري وڌو، مگر جنهن وقت زخم ڪرڻ وارو اوزار استعمال ڪري رهيو هو ان وقت هن بسم الله نہ چئي يا وري اگر بسم الله چئي ڪنهن جانور ڍڳي يا ٻڪريءَ وغيره کي زور سان تلوار هنيائين، جنهن سان اهو جانور بہ اڌ ٿي پيو ۽ اهو پوري وچ کان بہ اڌ ٿيو پر منڍيءَ يا سسيءَ وارو اڌ کيس جيئرو معلوم ٿئي ٿو ۽ هن ٻيهر بسم الله چئي ان جي سسي يا منڍيءَ واري طرف گردن تي ڇري هلائي، ان کي کهي وڌو تہ اهو جانور بہ حرام آهي ۽ ان جو گوشت کائڻ بہ حرام آهي. اهڙيءَ حياتيءَ کي موت جي حڪم ۾ آندو ويو آهي، پر جيڪڏهن جانور جا پورا بہ اڌ نہ ٿيا آهن بلڪ ٽيون حصو منڍيءَ ڏانهن ۽ ٻہ حصا پڇ ڏي آهن تہ بہ اهڙو ذبح ڪيل جانور حلال هرگز نہ ٿيندو، حرام آهي، جيتوڻيڪ بسم الله، الله اڪبر چئي ڪُهو

ويو هجي، اهو جهاتڪي ۾ شمار ٿيندو. پر جيڪڏهن ٽيون حصو پچ ڏي ۽ ٻہ حصا گردن جي طرف وارا رهيا آهن ۽ اهڙي جانور کي تڪبير چئي حلال ڪيو ويو تہ اهڙي ڪٽل جانور جو منڍيءَ وارو طرف کائڻ جائز ۽ حلال آهي ۽ پويون ٽيون حصو کائڻ حرام آهي.

**مسئلو** (3):

رات جي اونداهيءَ سبب ڪهڻ واري کي رڳن جي خبر نہ رهي ۽ اهڙي طرح جانور کهي ڇڏيائين. جو جانور جو نڙگهٽ وڍجڻ کان سالم رهجي ويو يا وري ڀُل ۽ غلطيءَ ۾ جانور کي سيني جي طرف کان يا اُرهہ مان سِير وجهي ڇڏيائين. پوءِ خبر پوڻ تي وري ٻئي پيري ان جي گردن کان ڪٺائين يا وري اهڙيءَ حالت ۾ جانور جون ٽي رڳون وڍجي ويون ۽ چوٿين رهجي ويئي تہ اهو جانور حرام آهي، ڇو جو غلط ڪهڻ سبب ٻيهر ڪهڻ مهل اها خاطري نہ آهي تہ جانور حيات آهي يا نہ. اهڙي حياتيءَ کي موت جو حڪم صادر آهي، پر جيڪڏهن جانور کي پهريون ڀيرو ئي صحيح جاءِ تان ذبح ڪيو ويو. مگر سندس نڙيءَ جي چئن رڳن مان ٽن رڳن کان بہ گهٽ يعني ٻہ يا هڪ رڳ ڪپي اٿس. وري خبر پيس تہ ذبح صحيح ناهي ۽ جانور بہ اجا حيات آهي تہ ٻيهر تڪبير وجهڻ ۽ چئني رڳن ڪپڻ سان جانور حلال آهي ۽ ان جو گوشت کائڻ جائز آهي.

**مسئلو** (4):

جيڪڏهن ڪنهن جانور کي ڪنهن بہ شيءِ سان اهڙو ڌڪ هنيو ويو. جنهن سان سندس منڍي يا سِسي ڌڙ کان جدا ٿي ويئي، پر ان جانور جو ڌڙ اجا جيئرو آهي ۽ ڦٿڪي پيو ۽ اهڙي حالت ۾ جانور کي بسم الله الله اڪبر چئي ڪنو ويو تہ اهو ڪٺل جانور حرام آهي. يا وري ڪنهن خونخوار جانور ڪنهن حلال جانور جي سري ڌار ڪري ڇڏي آهي ۽ سندس ڌڙ تڙڦي رهيو آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ ڪٺل جانور بہ حرام آهي، حلال ناهي: ڇو تہ ذبح يا ڪهڻ جي جاءِ ئي غائب آهي ۽ غير موجود آهي. ”فتاويٰ نور الهديٰ“ ۾ انهيءَ بابت تصريح آيل آهي، پر جيڪڏهن بگهڙ حلال جانور کي اهڙيءَ طرح چڪ پاتو آهي، جو جانور جي مٿي مان ٿورو گوشت يا ميڄالو ڪڍي ورتو





اٿس، مگر اڌ کان گهٽو ميڄالو اجا منڍيءَ يا مٿي ۾ موجود آهي تہ اهڙيءَ صورت ۾ ذبح ڪرڻ کان پوءِ اهو جانور حلال آهي، بشرطيڪ جانور حيات هجي، مري نہ ويو هجي. انهن چئني مسئلن کان علاوه ڪهڙي بہ حالت ۾ جيڪڏهن جانور ۾ اجا حياتي برابر موجود هجي تہ ان جو ذبح ڪرڻ ۽ گوشت کائڻ حلال آهي.

## جانور جي حياتيءَ جون نشانيون

(1) ذبح ڪرڻ وقت رت جو نڪرڻ (2) ڦٿڪڻ ۽ ڇڙيون هڻڻ (3) ٻت کي چورڻ ۽ (4) ڪهڻ جي وقت دانهن ڪرڻ.

**مسئلو:**

جي ڪنهن بہ حلال جانور کي اهڙيءَ حالت ۾ ڪنو ويو. جو اُن جي حياتيءَ جي خبر ڪنهن کي بہ پئجي نٿي سگهي، پر ذبح جي وقت رت وهي نڪتو ۽ ڪهڻ مهل بدن چوريائين يا سندس ڪن ۽ پڇ چريا. اهڙيءَ حالت ۾ جنهن مان معلوم ٿئي تہ جانور ۾ اجا حياتي آهي تہ اهو جانور کائڻ جائز ۽ حلال آهي. مگر ڪن ۽ پڇ چورڻ اهڙو هجي جهڙو جيئري جانور جو. ائين نہ جو حلال ڪرڻ وقت عضون ڍلن ٿيڻ جي سبب ڪن ۽ پڇ چرن يا حرڪت ڪن تہ اهو ڪٺل حلال نہ چئبو. ڇو جو اها موت کان پوءِ بہ ظهور ۾ اچي سگهي ٿي.

## جانور جي موت جون نشانيون

(1) ڪهڻ مهل وات پٽڻ (2) وارن جو لاڙي ڇڏڻ (3) ڄنگهن جو ڊگهيرڻ (4) ڪهڻ کان اڳ بند ٿيل يا ٻوٽيل اکيون، ڪهڻ کان پوءِ کولڻ. اهي نشانيون جانور جي موت جون آهن. مثال طور جانور جو اڳ ۾ وات پٽيل هو ۽ ذبح کان پوءِ بند ڪيائين يا اکيون کليل هيس پوءِ بند ڪري ڇڏيائين يا ٽنگون ڪويائين ۽ سوڙهيون ڪيائين يا جانور جا وار ذبح وقت ڪڙا ٿي ويا. تہ بہ اهڙو ڪٺل جانور حلال ٿيندو ۽ ان جو گوشت کائڻ جائز آهي، ڪٺي ان مان رت جو هڪ قطرو بہ نہ نڪتو هجي. ڇاڪاڻ تہ خدا جي اهڙي قدرت آهي، جو جهنگ ۽ جبل ۾ بعضي دفعا اهڙو گاهہ پيدا ٿئي ٿو جنهن جي کائڻ

سان جانور جو رت صفا سڪي خشڪ ٿي وڃي ٿو حالانڪ جانور بلڪل تندرست ۽ توانو هجي ٿو.

مٿين سمورين حالتن مان اگر ڪابہ حالت ظاهر نہ ٿي تہ سمجهبو تہ جانور حلال ناهي ۽ ان جو گوشت کائڻ بہ ناجائز آهي. ڪٺل جانور لاءِ ضروري اهو آهي تہ سندس ڪوبہ عضوو چُري ۽ حرڪت ڪري. جيڪڏهن ڪوبہ عضوو چريو تہ پوءِ رت وهڻ جي ضرورت ناهي، پر جيڪڏهن ڪنهن جانور کي ڪهندڙ شخص اهڙيءَ حالت ۾ کهي ٿو جو ان جي حياتيءَ کي معلوم ڪري نٿو سگهي ۽ نہ وري جانور ذبح وقت ڪوبہ عضوو چوريو، مگر رت سندن گردن جي رڳن مان وهي نڪري ٿو تہ اهڙو ڪٺل جانور حلال آهي، سندس گوشت کائڻ جائز آهي، بشرطيڪ رت اهڙو صاف وهڻ گهرجي، جهڙو جيئري جانور مان وهي ٿو، ڇو جو اهڙي رت جو وهي نڪرڻ بہ حياتيءَ جي نشانين مان آهي. ليڪن اهي سڀئي ڳالهيون کهڻ واري لاءِ تڏهن ڪارائتيون ٿي سگهن ٿيون، جنهن صورت ۾ ڪهندڙ کي جانور جي حياتيءَ جو يقين نہ هجي، پر جيڪڏهن ڪهندڙ کي جانور جي حياتيءَ جو پورو يقين آهي تہ پوءِ بلاشڪ حلال آهي، پوءِ پلي رت نہ بہ نڪتو هجي.

ڪتاب "در مختيار" ۾ ملا مسڪين عرف شاهہ مسڪين ٺٽي وارو انهيءَ طرح لکن ٿا، مگر جيڪڏهن کهڻ واري شخص کي جانور جي حيات هئڻ جي ڪابہ خبر نہ پئي، نہ وري جانور ڪو عضوو چوريو ۽ نہ وري ان مان رت وهي نڪتو، نڪي اکيون ٻوٽيائين ۽ نڪي ٽنگون سوڙهيون ڪيائين ۽ نہ وري سندس وار ڪڙا ٿيا تہ اهڙيءَ صورت ۾ اهو جانور چئني مذهبن ۾ مطلقاً حرام آهي.

## ذبح جو ٽيون شرط

کهڻ وارو اوزار تيز ۽ تکو هجي، جو نهايت جلديءَ سان جانور جون رڳون وڍي وجي ۽ رت وهائي. پوءِ اهو اوزار لوهہ جو هجي يا رڪ جو يا ٽامي جو ٽڪرو هجي، مگر ڌار ان جي تيز هئڻ ضروري آهي. يعني ان جو منهن ٽِپيل تيز ڌار وانگر هجڻ ضروري آهي، پوءِ جيتوڻيڪ اهو اوزار سون





يا چانديءَ جو يا ڪانيءَ جي ڇيت يا ڦوڙاٽي ڪاٺي هجي، مگر تمام تيز هجي، يا پٿر کي تيز ڌار وانگر گهڙيو ويو هجي يا سَر جو ڪانو هجي، جيڪو رڳن کي تيزيءَ سان وڍي سگهي. انهن سڀني شين سان ذبح جائز آهي، مگر انهن جو تکو هجڻ بلڪل ضروري آهي، اهو هڪ شرط آهي. ٻيءَ صورت ۾ ناجائز ڄاڻبو. مگر هڏيءَ ۽ سڱ جي ڌار سان ذبح ڪرڻ مڪروهہ آهي، يعني اها هڏي يا سڱ ٻئي جانور جو هوندو تہ ان سان ذبح ڪرڻ مڪروهہ آهي، پر جي انهيءَ جانور جو سڱ يا هڏي استعمال ڪئي ويئي تہ اهو ذبح حرام آهي. ڪو شخص ڏسي ٿو تہ سندس حلال جانور مري رهيو آهي، پوءِ هو پنهنجن وڏن ننهن سان ان کي ذبح ڪري ٿو يا وري ڏندن سان ڪرٽي چارئي رڳون ڪاٽي ڇڏي ٿو تہ اهڙيءَ صورت ۾ اهو جانور حرام آهي، ڇو جو هيءُ بہ ضروري آهي تہ ڪاٽي يا ٻيو ڪوبہ اوزار اهڙو نہ هجي، جو وڍڻ جي بجاءِ ڇنندڙ هجي. جيئن ڏاٽو ۽ ڪاٺ چيرڻ واري ڪارائي وغيره. جيڪڏهن رڳون اوزار جي تکائيءَ نہ وڍيون آهن، بلڪ زور سان ڇنيون ويون آهن تہ اهڙو ڪٺل جانور حرام آهي، حلال ناهي. جيڪڏهن ڪهندڙ شخص جانور کي ٻڌي ڪيرائي بسم الله، الله اڪبر چئي، جانور جي ڪنڌ تي تکي ڪهاڙيءَ سان اهڙو ڌڪ هنيو جو چارئي رڳون جانور جي گردن جون ڪپجي ويون تہ اهو ڪٺل جانور حلال آهي يا ڪنهن شخص تکي تيز ڪاٽي بسم الله پڙهي، پري کان اهڙيءَ طرح چٽائي جانور کي هنئي، جو جانور جي کهڻ واريون چار ئي رڳون ڪپجي ويون. يعني اها ڪاٽي پوريءَ طرح کهڻ واري جاءِ تي لڳي ۽ رڳون ڪپجي ويون يا ڪهندڙ بسم الله چئي ڪڪڙ کي تير هنيو جيڪو تيزيءَ سان ڪڪڙ جي کهڻ واري هنڌ ۾ اهڙيءَ طرح لڳو جو ذبح واريون چارئي رڳون ڪپجي ويون تہ اهي سڀئي جانور حلال آهن ۽ انهن جو گوشت کائڻ جائز آهي. اهو بسم الله، الله اڪبر جي ڪري حلال ٿي ويو پر جيڪڏهن اهو اوزار کهڻ وارو تکو نہ آهي، مُڏو آهي، جيتوڻيڪ ڪهندڙ بسم الله پڙهي اهو مُڏو اوزار جانور کي هنيو ۽ جانور جون چارئي رڳون ڪپجي ويون، تڏهن بہ اوزار جي مُڏائيءَ سبب اهو جانور حرام آهي، حلال نہ ٿيندو. اهو ان ڪري، جو اوزار جي مُڏائيءَ سبب انهن رڳن کي ڪپيل نہ

چئبو. بلڪ زور ۽ طاقت سبب اهي رڳون ڇڇي ويون آهن ۽ رڳن جي ڇڇڻ سبب اهو جانور حرام ٿي ويندو. حلال نہ چئبو.

## ذبح جو چوٿون شرط

جانور جو ڪهندڙ مسلمان هجي يا اهلِ ڪتاب. جو يهودي يا نصارو وغيره. مگر يهودي ۽ نصارا جڏهن کان پنهنجي ڪتابن ۾ ردوبدل ڪري پنهنجن ڪتابن جي اصلي حالت کي مٽائي پنهنجي مطلب ۽ دنيا جي بي بقا فائدي جي خاطر دين کي ڇڏي چڪا آهن. ان کان سواءِ يهودين حضرت عيسيٰ عليه السلام کي پنهنجو دشمن ڪري ليکيو آهي ۽ حضرت عُزير عليه السلام کي هو پنهنجو ٻيو نمبر خدا سمجهن ٿا ۽ عيسائين ٻيبي مريم عليه السلام ۽ حضرت عيسيٰؑ کي بہ خدائي جو درجو ڏنو آهي. عيسائي حضرت عيسيٰؑ کي خدا جو پٽ ۽ ننڍو خدا ڪري ليکين ٿا. انهيءَ سبب ڪري ٻئي قومون ڪفر ۾ داخل ٿي چڪيون آهن. تنهنڪري انهن جو ذبح بہ جائز نہ چئبو. ان ڪري تہ متان اهي بجاءِ الله وحده لاشريڪ جي حضرت عزيرؑ يا حضرت عيسيٰؑ جي نالي سان ذبح نہ ڪن. ها اگر ڪوبہ اهل ڪتاب جيڪو سواءِ هڪ الله تعاليٰ جي ڪنهن پيغمبر يا ملائڪ کي الله ڪري نہ ليکيندو هجي. ان جو ايمان فقط هڪ الله جي وحدانيت تي قائم هجي تہ اهڙي اهل ڪتاب جو ڪٺل جانور حلال ليکبو. بشرطيڪ اهو بسم الله، الله اڪبر چئي تڪبير وجهي. اگر اهڙي ايمان ۽ عقيدي رکڻ وارو اهلِ ڪتاب، جو بسم الله کي ذبح جي وقت پلجي بہ ويو ۽ بنا ڪجهہ چوڻ جي جانور ذبح ڪري ڇڏيائين ۽ اهو ڪم هن کان پل ۽ غلطيءَ سبب انهيءَ طرح عمل ۾ آيو آهي تہ انهيءَ ذبيح کي حلال چئبو. ڇو جو ڀُل ۽ ويسر سبب هن الله تعاليٰ جو نالو نہ ورتو آهي. باقي مجوسي خواه مشرڪ، سج چنڊ جا پوڄاري يا ٻتن کي پوڄيندڙ انهن جو ڪٺل جانور قطعي حرام آهي. پوءِ چاهي اهڙو شخص عرب جو رهاڪو ڇو نہ هجي، ۽ بسم الله، الله اڪبر چئي بہ اگر حلال ڪري ٿو تہ بہ اهڙي غير الله جي پوڄاري جو ذبح بلڪل حرام آهي، پر جيڪڏهن ڪو مسلمان ڪنهن بہ بت پرست، سج چنڊ ۽ ٻتن جي پوڄاريءَ يا تارن کي پوڄيندڙ جي ڪاتيءَ سان ذبح ڪري ٿو تہ ڪٺل جانور





حلال آهي. جيڪڏهن ڪو هندو مجوسي يا مشرڪ يا ڪوبہ غير اهل ڪتاب، جو پنهنجو اڳوڻو ڌرم ڇڏي، صحيح اهل ڪتاب واري دين تي هڪ واحد خدا کي مڃي داخل ٿئي ٿو تہ اهڙي شخص جو ڪٺل جانور جنهن کي هن بسم الله چئي حلال ڪيو آهي، ان جو گوشت کائڻ حلال ۽ جائز آهي، پر ڪوبہ اهلِ ڪتاب يا مسلمان پنهنجي دين کي ڇڏي ڪنهن غير مذهب ۾ داخل ٿئي ٿو تہ ان جو ذبح ڪيل جانور حرام ۽ قطعاً حرام آهي. اگر هڪ مسلمان پنهنجي دين کي ڇڏي، ٻين اهل ڪتاب جي دين ۾ شامل ٿئي ٿو تہ ان جو ذبح حرام آهي. اهڙيءَ طرح مرتد ۽ ملحد، جيڪو خدا جو انڪار ڪندڙ آهي، ان جو ڪٺل جانور بہ قطعاً حرام ۽ ناجائز آهي. ڪفر جا ڪلما تمام گهڻا آهن، جن مان اعتقاداً يا ڄاڻي ٻجهي کل يا چرچي ۾ مسخريءَ طور يا خوش طبعي ڪرڻ وقت ڪوبہ ڪفر جو ڪلمو چئي ويو، جنهن جي ڪيس خبر آهي تہ اِهو ڪلمو ڪفر جو ڪلمو آهي، ان کي اعتقاداً يا کل مسخريءَ ۾ استعمال ڪرڻ وارو شخص شرع محمديءَ مطابق مرتد ٿي چڪو. ان جو ڪهڻ ۽ حلال ڪرڻ تيستائين حرام آهي، جيستائين هو وري توبہ تائب ٿي ٻيهر مسلمان نٿو ٿئي.

اهو مسئلو فقيهہ عالمن وٽ چئني مذهبن ۾ متفق عليہ آهي، تنهن لاءِ خيال ڪرڻ گهرجي. اگر ڪنهن مسلمان کان بي اختياريءَ يا خوش طبعيءَ وقت ڪو اهڙو ڪلمو زبان مان نڪري ويو. جيڪو ڪفر جي قريب آهي، سندس خيال ۾ ڪفر جو ڪلمو نہ آهي، مگر هو گناهہ کان بچي نہ سگهندو. گناهہ گار ٿي ويو. جنهن ڪري اهڙي بيهودي لفظ ڪڍڻ سبب ڪيس سخت نقصان پهچندو. تنهنڪري اهڙي لفظ استعمال ڪرڻ کان هميشہ پاسو ڪجي ۽ ڌيان رکجي. جيڪو ماڻهو ڪنهن بہ شخص کي عبادت جو خيال دل ۾ رکي سجدو ڪري ٿو يا بنا وضوءَ ۽ بنا تيمم جي نماز پڙهي ٿو. اهڙي انسان جي ڪُني بہ حرام آهي. تيمم اهڙي حالت ۾ جائز آهي، جتي پاڻي نہ ملندو هجي يا وري ڪا اهڙي بيماري هجي، جنهن کي وضوءَ سبب نقصان پهچڻ جو انديشو هجي، باقي ڄاڻي ٻجهي سيءَ جي ڊپ کان بنا وضوءَ نماز پڙهندو تہ سندس ڪُني بہ حرام آهي ۽ سخت گناهہ گار ٿيندو. الله تعاليٰ جي منڪر جي ڪُني حرام آهي، الله تعاليٰ جي ملائڪن

ڪان انڪار ڪرڻ واري جي ڪُني بہ حرام آهي، آسماني ڪتابن ۽ سڀني نبين تي ايمان نہ آڻڻ واري جي ڪُني بہ حرام آهي. اسلام تي ايمان آندائين، پر روز قيامت ڪان انڪار ڪري ٿو تہ ان جي ڪُني بہ حرام آهي. قيامت جو منڪر اگر ڪلمو توحيد پڙهندڙ آهي تہ بہ مرتد ليکيو ويندو ۽ مرتد جي ڪُني حرام آهي. جيڪو شخص حشر يعني قيامت ۾ خدا تعاليٰ جي ديدار جو منڪر آهي يا اسان جي پياري پيغمبر نبي آخر الزمان محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي شفاعت جو منڪر آهي يا وري قرآن پاڪ يا قرآن پاڪ جي ڪنهن هڪ آيت جو منڪر آهي يا نماز ۽ روزي جي فرضيت جو منڪر هجي يا بهشت ۽ دوزخ جو منڪر هجي يا قبر جي عذات خواه پلصراط ۽ قيامت جي حساب ڪتاب جو منڪر هجي تہ اهڙي انسان جي ڪُني مطلقاً حرام آهي ۽ ان جو ڪائڻ حرام آهي. اهڙن مسلمانن کي فقط ڪلمو پڙهڻ مان ڪوبہ فائدو پهچي نٿو سگهي، پر اهڙا ڪي اڻ پڙهيل جاهل انسان مسلمان آهن، جن کي ڪابہ خبر ناهي نہ وري هو علم ڪان واقف آهن، مگر باوجود انهيءَ جاهليت جي هو انهن مٿين ڳالهين ڪان انڪار نٿا ڪن ۽ شريعت جي هر قول کي تسليم ڪن ٿا۽ ايمان اجماليءَ ڪان سواءِ ڪين ٻي ڪا بہ خبر ڪانهي، مگر انهن کي اهو پورو يقين آهي تہ جيڪي ڪجهہ قرآن پاڪ ۾ آهي يا جيڪي مِٺي محمد ﷺ جن فرمايو آهي يا جيڪي بہ شريعت سڄوريءَ حڪم ڪيا آهن، اهي برحق ۽ سچا آهن تہ اهڙا اڻ پڙهيل مسلمان الله عالم الغيب تي ۽ سندس حاضر ناظر هئڻ تي دل جي يقين سان قائم آهن ۽ زبان سان انهن سڀني ڳالهين جو اقرار ڪن ٿا. اهڙا ماڻهو درحقيقت انهن پڙهيلن ڪان بهتر آهن، جن جو ايمان مذبذب ۽ لرزه براندام آهي. اهڙن پختہ يقين ۽ ايمان رکڻ وارن اڻ پڙهيل ماڻهن جي ڪُني حلال ۽ جائز آهي. دين ۾ هر قسم جي سهوليت آهي، ڪنهن بہ قسم جي سختي منجهس ناهي. "فتويٰ سراجيءَ" ۾ اهو بيان آيل آهي.

## ذبح جو پنجون شرط

ڪهندڙ کي خبر هئڻ گهرجي تہ بسم الله، الله اڪبر چوڻ ۽ چئن رڳن جي وڍجڻ ڪان سواءِ ڪُنل جانور حلال ٿي نٿو سگهي، جيڪڏهن ڪهڻ واري کي اها خبر ناهي تہ ان جي ڪُني حرام آهي. جيتوڻيڪ مسلمان ۽ عاقل بالغ هجي ۽ ڏينهن رات ڪلمو طيبہ پڙهندڙ هجي، تڏهن بہ ان جو ڪُنل جانور حرام آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن چرئي تڪبير وڏي يا ڇوڪري نابالغ، جانور ڪنو يا مرگهيءَ جي بيمار ماڻهوءَ جانور کي سير وڏي يا عضون سڪل ماڻهوءَ جانور ڪنو تہ انهن سڀني ڳالهين ۾ اهو ڏسڻو آهي تہ انهن سڀني کي اگر اها خبر آهي تہ چئن رڳن جي برابر نہ ڪپجڻ ۽ بسم الله، الله اڪبر نہ چوڻ سان جانور حرام ٿي ويندو تہ پوءِ انهن جي ڪُني حلال چئبي. مگر ظاهر آهي تہ چرئي کي اهڙين ڳالهين جو هوش ئي ناهي يا سڪل ماڻهو هٿ چوري نٿو سگهي تہ اهڙن ماڻهن ڪان جانور ذبح ڪرائڻ ئي نہ گهرجي. اهي مسئلا انتهائي اهم آهن، ان ڪري انهن جو لکڻ ضروري ٿيو آهي. عقل واري نابالغ ڇوڪري جي ڪني بہ حلال آهي، بشرطيڪ ڪيس مٿين پنهي شرطن جي پوري خبر هجي. غسل واري شخص يعني جنهن تي غسل واجب آهي، نہ لاٿو آهي، ان ماڻهوءَ جي ڪني فقط اهڙيءَ حال ۾ حلال آهي، جيئن تہ ڪو حلال جانور اوچتو اهڙيءَ ڪنهن بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي پيو آهي، جنهن جو يڪدم ساهہ وڃي ٿو ۽ غسل واري کي غسل لاهڻ جي مهلت تائين هو مري ويندو تہ پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ غسل سان هجڻ جي حالت ۾ جانور کي تڪبير وجهي سگهي ٿو ۽ اهو ڪنل حلال آهي، جي نہ تہ نہ. يا وري جانور اهڙيءَ جاءِ تي ڦاٿو آهي، جو يڪدم مرڻ جو خطرو آهي يا ٻڏل جانور رسيءَ ۾ ڦاهو ڪائي يڪدم مري رهيو آهي تہ اهڙين حالتن ۾ غسل وارو تڪبير وجهي سگهي ٿو ۽ اهو ڪنل حلال آهي يا وري ڪنهن بيابان ۾ جتي پاڻي نٿو ملي سگهي ۽ غسل لاهڻ جو موقعو ناهي ۽ جانور مري ٿو تہ اهڙيءَ حالت ۾ اگر ٿورو وقت ملي سگهي ٿو تہ تيمم ڪري پوءِ حلال ڪرڻ گهرجي، جي ايتري مهلت بہ نٿي نظر اچي تہ غسل جي حالت ۾ بہ تڪبير وجهي سگهي ٿو. اهو ڪنل جائز ۽ حلال آهي. اهڙيءَ طرح عورت جي ڪني بہ حلال آهي بشرطيڪ اها عورت مسلمان هجي، غير مذهب نہ هجي. جانور جي مرڻ وارين مٿين حالتن موجب حيض ۽ نفاس واري يا غسل واري

مسلمان عورت به جانور جي اوچتي موت وقت انهن حالتن ۾ ان کي حلال ڪري سگهي ٿي، بشرطيڪ ٻيو ڪو عاقل بالغ مرد اتي موجود نه هجي ته اهڙيءَ حالت ۾ انهيءَ عورت جو ڪٺل جانور حلال آهي ۽ ڪائڻ جائز آهي. "تڪلمه جي شرح" ۾ صاف ڄاڻايو ويو آهي ته عورت جي ڪٺل جانور جو گوشت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پاڻ کاڌو آهي. ان کان علاوه ڇوڪرو جيڪو سنت نه ويٺل آهي، يعني سندس ختنو (طُهر) ٿيل ناهي، ان جي ڪٺي يا بي نمازي جي ڪٺي يا ڪدڙي جي ڪٺي يا ڪوڙهه جي بيمار جي ڪٺي مجبوريءَ جي حالت ۾ اهي سڀ حلال آهن. انڌي جي ڪٺيءَ کي فقيهن مڪروهه لکيو آهي ۽ ڪراهت تنزيهه جو حڪم ڏنو اٿن. "در مختار" ڪتاب لکي ٿو:

**وڪره تنزيها الذبح ليل الاحتمال الغلط.**

**والعلة متحدة فيما بين المسلتين.**

يعني انڌي جي ڪٺيءَ کي اونداهيءَ رات ۾ ڪٺل جانور سان تشبيهه ڏني ويئي آهي ۽ ان کي مڪروهه تنزيهه ڪوٺيو ويو آهي.

گونگي جي ڪٺي حلال آهي ۽ ان تي بسم الله جو ڇوڙ معاف آهي، ڇو جو هو ڳالهائڻ کان مجبور آهي.

## ذبح جو ڇهون شرط

ڪُهندڙ سان گڏ ڪو به ٻيو ماڻهو ڪهڻ ۾ شريڪ نه هجي، جنهن جي ڪُٺي شرعاً حرام آهي. جيئن هڪ مسلمان پنهنجو حلال جانور ذبح ڪري رهيو آهي. اوچتو ڪهندڙ جي هٿ تي ڪنهن هندوءَ يا مجوسيءَ اچي هٿ رکيو حالانڪ ڪاتي مسلمان جي هٿ ۾ آهي تڏهن به ڪٺل جانور حرام ٿي ويندو ان جو ڪائڻ ناجائز ۽ حرام آهي. جيڪڏهن ٻه مسلمان گڏجي هڪ جانور ڪُهن ٿا ته هر هڪ تي لازم آهي ته بسم الله چون. پر جيڪڏهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ شخص ڄاڻي ٻجهي بسم الله نه چئي يا وري هن خيال ڪيو ته هڪ ڄڻي بسم الله چئي آهي ته اها ئي بس آهي ته انهن ٻنهي صورتن ۾ اها ڪٺي حرام ٿي ويندي ۽ ان جو ڪائڻ به حرام آهي.





ڪنهن شخص اُضحيٰ ڪرڻ لاءِ جانور ڪاسائيءَ جي حوالي ڪيو ته ذبح ڪري، ڪاتي ڪاسائيءَ جي هٿ ۾ آهي، مالڪ پنهنجو هٿ ڪاسائيءَ جي هٿ مٿان رکيو پر سمجهيائين ته فقط ڪاسائيءَ جي بسم الله ئي ڪافي آهي. پاڻ بسم الله نه چيائين ۽ جانور ذبح ٿي ويو ته اهو جانور به حرام ٿي ويندو ۽ اُضحيٰ جائز نه ٿيندي، ان جو گوشت ڪائڻ به حرام آهي. ڪنهن جانور کي هڪ شخص ڪُهي ٿو ۽ ٻيو شخص ان جون ڇنگهون يا منڍي جهلي بيهي ٿو اهو جهليندڙ ذبح جي وقت بسم الله نٿو چوي، مگر ڪُهڻ واري سان گڏ ڪاتيءَ تي سندس هٿ رکيل نه آهي ته اهڙو ڪٺل جانور حلال ۽ جائز آهي.

ڪتاب "غايت النيان" ۾ اها فتويٰ آيل آهي ته، جيڪڏهن ڪنهن مسلمان، جانور کي ڪُنو مگر ٽي رڳون وڍجي ويون ۽ چوٿين رهجي وئي ۽ ڪنهن ڪافر يا مجوسيءَ ان جي هٿ مان ڪاتي وٺي چوٿين رڳ ڪپي ڇڏي ته اهڙو جانور حلال آهي، حرام ناهي، ڇاڪاڻ جو جانور جو ساهه اڳيئي نڪري چڪو آهي. اڳين تڪبير به ڪافي هئي، پر جيڪڏهن ڪنهن جانور کي پهريائين ڪو مجوسي يا ڪافر ڪُهي ٿو ۽ پوءِ وري ٻيهر مسلمان ان کي ڪُهي ٿو ته به اهو جانور حرام آهي، حلال ناهي. ڪنهن جانور کي مسلمان ڪنو ڪهڻ کان پوءِ جانور تڙڦي وڃي باهه يا پاڻيءَ ۾ پيو ۽ اتي سندس ساهه ختم ٿي ويو ته اهو جانور حلال آهي، ڇو جو ان کي پهريائين پوري تڪبير بسم الله سان پئجي چڪي هئي، پر جيڪڏهن جانور جون اجا پوريون ٽي رڳون به نه ڪپيون هيون ۽ هو ڦٿڪي ڪهڻ واري جي هٿ مان نڪري وڃي باهه يا پاڻيءَ ۾ ڪريو ۽ اتي مري ويو ته اهو جانور حرام آهي، ڇو جو ان جون اجا ٻه رڳون مس وڍيون هيون. اهڙي ذبح کي ذبح ڪامل نه چئبو جو گهٽ ۾ گهٽ ٽن رڳن جو وڍجڻ ضروري آهي.

## ذبح جو ستون شرط

ذبح ڪندڙ کي گهرجي ته جانور جي ذبح وقت خاص الله تعاليٰ لڳ نيت ڪري، يعني حيوان جو ساهه الله جي ڪارڻ ڪڍي يعني هيءَ نيت ڪري ته هيءَ جانور خالص الله جي نالي سان ذبح ٿو ڪريان، ٻئي ڪنهن

جي عزت لاءِ يا ٻئي ڪنهن جي نالي سان ذبح ڪندو ته اهو جانور صريحاً حرام ٿي ويندو.

مثال طور: ڪو بادشاهه ڪنهن هنڌ مهمان ٿئي ٿو ان جي مهمانيءَ لاءِ ڪوبه ننڍو يا وڏو جانور ذبح ڪجي ته ائين نيت نه ڪري ته هيءُ جانور مان هن بادشاهه يا حاڪم لاءِ ڪُهان ٿو يا ان جي نالي سان ذبح ٿو ڪريان، بلڪ بسم الله، الله اڪبر چئي پوءِ ذبح ڪري، جنهن جي معنيٰ آهي ته شروع ٿو ڪريان الله اڪبر جي نالي سان يعني هن جانور جي تڪبير ڪي مان الله زبردست ۽ وڏي جي نالي سان شروع ڪريان ٿو.

اڪثر ماڻهو ڪنهن وليءَ جي قبر وٽ يا ڪنهن بزرگ جي اڳيان يا ڪنهن جي بيماريءَ دفع ڪرڻ جي ارادي سان يا هن ارادي سان ته هيءُ جانور بيمار جي بدلي ۾ ٿو ڪُهان يا پٽ ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ ڪو جانور ذبح ڪري ٿو. اسان جي ملڪ سنڌ ۾ اڪثر ماڻهو ٻارن جي مٿي تي چوٽي رکڻ وقت يا جيڪا انهن جي باس باسيل هوندي آهي ته فلاڻا پير تون مون کي پٽ ڏيندين ته مان تنهنجيءَ مزار تي اچي جِهنڊ لهرائيندس. اهڙيءَ طرح گهوٽ جي دعوت جي وقت ڪو جانور ذبح ڪيائين يا نئين ٻنيءَ جي پوکڻ وقت يا نئين عمارت ٺهرائڻ وقت يا زمين ۾ آبادي شروع ڪرڻ وقت يا نئين کوهه مان مٺو پاڻي پرجي اچڻ وقت يا نئين جاءِ ۾ اچي رهڻ وقت ان کان علاوه، جِنّ، ديوَ يا پَريون اسان کي تڪليف نه پهچائين، يا نئون ڳوٺ ٻڌڻ وقت يا کيت جي آباديءَ لاءِ بادشاهه پير جو چيلو ذبح ڪرڻ يا ڪنهن بت جي اڳيان جانور ذبح ڪرڻ يا درياهه تي وڃي جانور درياهه جي نذر جي نيت سان ذبح ڪرڻ. مطلب ته جيڪو به جانور ڪنهن غيرالله جي نيت سان ڪُنو ويو ته پوءِ ڪٺي اُن تي بسم الله پڙهي وئي هجي ته به اهو جانور مطلقاً حرام آهي، ان جو کائڻ ناجائز آهي.

ڪنهن به جانور جي ڪنهن به جاءِ تي ذبح ڪرڻ وقت سواءِ الله تعاليٰ جي، ٻئي ڪنهن جي نيت سان جانور ذبح ڪيو ويو ته اهو حرام آهي. انهيءَ لاءِ هر ڪنهن جاءِ تي نيت خالص الله تعاليٰ جي لاءِ هجڻ ضروري آهي. ليڪن مٿي ڄاڻايل جاين تي جانور کي ذبح ڪرڻ واري شخص کي





ڪافر نه چئبو. مسلمان کي ڪنهن به حالت ۾ ڪافر چوڻ سخت گناهه آهي، مگر اهڙين جاين تي مٿين نيت سان جانور جو ذبح ڪرڻ ممنوع آهي ۽ جانور حرام ٿي ويندو. جيڪڏهن ڪو جانور مهمانن لاءِ يا عقيقه يا عُرس يا شاديءَ وليمي لاءِ ڪُنو ويو آهي ته اهو حلال ۽ جائز آهي، جيڪو بسم الله، الله اڪبر چئي ڪُنو ويو هجي.

## ذبح جو اٺون شرط

جانور جيڪو شڪار ڪيل هجي، اهو جانور احرام ٻڌل شخص کي حلال يا ذبح ڪرڻ منع آهي، جنهن به شخص پنهنجي ميقات کان حج يا عمري جو احرام ٻڌي ورتو ته اُن شخص جي لاءِ ميقات جي حد کان وٺي هر قسم جي شڪار يا جانور کي مارڻ جي سخت منع آهي. احرام ٻڌل شخص اگر شڪار ڪيل جانور کي ذبح ڪندو ته اهو ڪُٺل حرام ٿي ويندو.

حرم پاڪ انهيءَ سرزمين کي چئجي ٿو جيڪا ڪعبة الله شريف جي چئني طرفن مقرر فاصلي جي حد اندر اچي ٿي، اهي مقرر ڪيل حدون هن طرح آهن:

بيت الله شريف جي اڀرندي طرف ڇهه ڪوهه پنڌ تائين ۽ الهندي کان ارڙهن ڪوهن تائين. اتر کان ٽن ڪوهن تائين ۽ ڏکڻ طرف چوويهن ڪوهن تائين، حرم جي حد ۾ اها زمين شامل آهي. انهن چئني حدن جي اندر شڪار ڪرڻ ۽ شڪار جي جانور کي ڪُهڻ حرام آهي.

### شڪار ڇا کي ٿو چئجي:

شڪار انهيءَ جانور کي ٿو چئجي، جيڪو جانور ماڻهن کان ڀڄندو يا ٽهندو هجي، خواهه پرن سان اُڏامي وڃي يا پيرن جي تڪائيءَ سبب ڊوڙي ڀڄي وڃي، جيئن هرڻ، ڦاڙهو، سهو يا ٻيو ڪو جانور يا حلال پکي وغيره. انهن شڪار جي جانورن کي حرم پاڪ جي حد ۾ ۽ احرام سان ڪُهي نٿو سگهجي، پر جيڪڏهن احرام ٻڌل شخص انهن شڪار جي جانورن کان سواءِ ٻيو ڪو جانور جيئن ته اُٺ، ٻڪري، ڳئون، ڍڳو وغيره، جيڪي جانور هميشه انسان سان مانوس آهن ۽ گڏ رهن ٿا يا ٻيو ڪو اهڙو جانور، جنهن جو تعلق شڪار سان ناهي ته اهڙو جانور اگر احرام وارو شخص حلال ڪري ٿو

تہ اهو حلال آهي، ان جو گوشت کائڻ جائز آهي. اهي خاص احسان انهيءَ خالق ۽ مالڪ جا پنهنجي ٻانهن تي آهن.

## ذبح جو نائون شرط

ذبح ڪرڻ واري کي ذبح وقت الله جو نالو وٺڻ ضروري آهي، پر جيڪڏهن ڄاڻي ٻجهي الله جو نالو نہ ورتائين ۽ اول فول بڪي تڪبير وهائي ڇڏيائين (جيئن اڄڪلهہ ڪاسائي اڪثر ڪاميلن (ڪوس گهرن) ۾ ڪندا ڏٺا ويا آهن) تہ اهو ذبح ٿيل جانور مطلقاً حرام آهي، سندس گوشت کائڻ ناجائز آهي. جانور کي ڪهڻ وقت الله تعاليٰ جو نالو وٺڻ تمام ضروري آهي، ٻيءَ حالت ۾ جانور حرام ٿي ويندو، پر جيڪڏهن ڀُل سبب ڪيس اهو اسم الله جو وٺڻ وسري ويو ۽ جانور ذبح ڪري ڇڏيائين، پوءِ ڪيس ياد آيو ۽ افسوس ڪيائين تہ اهڙيءَ طرح ذبح ٿيل جانور حلال آهي، ڇو جو شريعت محمديءَ ۾ ويسر ۽ ڀُل معاف آهي. اهي اسان تي رب پاڪ جا بي انتها احسان ۽ ڪرم آهن.

اهڙيءَ طرح اگر روزي جي حالت ۾ ويسر ۽ ڀُل ۾ ڪجهہ کائي ويو تہ روزو نہ ڀڄو اها ڀل ۾ کاڌل شيءِ ڪيس معاف آهي. ذبح ڪرڻ وقت الله تعاليٰ جو نالو وٺڻ بيحد ضروري آهي، پوءِ چاهي تہ بسم الله چوي يا الحمد لله چوي يا لا اِله الا الله چوي يا رحمان چوي يا رحيم چوي تہ انهن سيني صورتن ۾ ڪٺل جانور حلال ٿي ويندو. پوءِ چاهي اهي لفظ عربيءَ، سنڌيءَ يا ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ ۾ چوي، تہ بہ جانور حلال ٿي ويندو. عربيءَ جو شرط ناهي، مگر شرط هي آهي تہ جانور جي ذبح جي نيت ڪرڻ وقت جانور جي حلال جي خاطر اهي لفظ چوي، اهي لفظ خالص انهيءَ ڪم لاءِ چوندو هجي. دل ۾ نيت ذبح جي هجيس، پر جيڪڏهن خدا جي حمد ۽ ثناءَ جي لاءِ اهي لفظ چوندو رهي ٿو يا وري شڪراني جي نيت سان اهي لفظ چوي ٿو يا ڇڪ اڇي وئي ۽ الحمدلله چئي ٿو يا خدا جي ذڪر جي ارادي ۽ نيت سان اهي لفظ پڙهندو رهي ٿو ۽ نيت ذبح جي سان اهي لفظ نہ چيا اٿس تہ اهو ذبح ٿيل جانور حرام ٿي ويندو.





ڪتابن ۾ ڪي اهڙا لفظ بہ آيل آهن، جيڪي چئي پوءِ ڪهڻ سان جانور حرام ٿي وڃي ٿو جيتوڻيڪ ڪهڻ جي نيت سان اهي لفظ چيا هجنس، جيئن تہ انهن لفظن مان دعا جي معنيٰ نڪرندي هجي.

مثلاً ڪهڻ مهل چوي ٿو تہ: "اللّٰهم اغفرلي" يا چوي ٿو تہ "اللّٰهم تقبل منّي" يا "استغفرالله" يا "ماشاءَ الله" چوي تہ اهڙن سيني لفظن جي چوڻ سان جانور حرام ٿي ويندو. انهيءَ لاءِ ڪهڻ جي وقت سيني کان افضل لفظ آهن تہ بسم الله، الله اڪبر چوي، ڇو جو پياري نبيءَ صلي الله عليه وسلم جن بہ اهي ئي لفظ فرمايا آهن. حضرت علي ڪرم الله وجهه ۽ حضرت عباس عليه السلام کان بہ اهي ئي لفظ روايت آهن. "هدايہ" ۽ "تبيين" ڪتابن ۾ بہ اهي لفظ ذڪر ڪيل آهن. فقہ جي ڪن ڪتابن لکيو آهي تہ بسم الله و الله اڪبر چئجي ۽ ڪن لکيو آهي تہ بسم الله، الله اڪبر چئجي، بهرحال ٻنهي صورتن ۾ ذبح حلال ۽ جائز آهي.

## ذبح جو ڏهون شرط

جانور کي ڪهڻ وارو شخص پاڻ بسم الله، الله اڪبر چوي، اگر ڪهڻ واري اهي لفظ پاڻ نہ چيا، حالانڪ ڪيس يادگيري بہ آهي، مگر پاسي ۾ بيٺل ٻئي شخص اهي لفظ چيا، تاهم اهو ڪٺل جانور حرام آهي ۽ شرعاً انهيءَ جو گوشت حرام آهي.

## ذبح جو يارهون شرط

اول بسم الله، الله اڪبر چوي، پوءِ ان سان گڏ يڪدم جانور کي ڪهڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ڪهڻ واري اول جانور ڪنو ۽ پوءِ بسم الله، الله اڪبر چيائين، حالانڪ ڄاڻي ٻجهي پهريائين بسم الله، الله اڪبر نہ چيائين ۽ ڪهڻ کان پوءِ چيائين تہ اهڙو ڪٺل جانور بہ حرام آهي. ڇاڪاڻ جو اول مٿيان لفظ چئي، پوءِ جانور کي يڪدم ذبح ڪجي، وچ ۾ ٻيو ڪم نہ ڪرڻو آهي. مثال طور: اگر پهريائين بسم الله، الله اڪبر چئي پوءِ جانور کي زمين تي ڪيرايائين يا بسم الله، الله اڪبر جانور کي ڪهڻ لاءِ چيائين. مگر بسم الله ۽ ذبح جي وچ ۾ ڪا شيءِ خريد ڪيائين يا ڪنهن ماڻهوءَ سان ڳالهين ۾

مصروف ٿي ويو. انهن ڳالهين جي پوري ڪرڻ کان پوءِ اڱوٺي ڇيل بسم الله سان جانور ڪنائين يا وري بسم الله، الله اڪبر چوڻ کان پوءِ وضو يا نماز ۾ شروع ٿي ويو ۽ نماز کان پوءِ اڱوٺي ساڳي بسم الله جي آڌار تي ذبح ٿيل جانور حرام ٿي ويندو ۽ ان جو گوشت کائڻ به حرام آهي. ڇاڪاڻ ته ڦيرايائين اڳي ڇيل بسم الله اهڙيءَ طرح ذبح ۾ ڪوبه نفعو يا فائدو پهچائي نٿي سگهي. پر جيڪڏهن بسم الله ۽ ذبح جي وچ ۾ بلڪل ٿورو وقفو لڳو آهي يعني ڪنهن ماڻهوءَ سان معمولي به لفظ ڳالهائي ورتائين يا پاڻي پي ورتائين يعني ته گهڻي دير نه ورتي اٿس يا ڪنهن کي سلام جو جواب ڏنو اٿس يا ڪاتي اڇلائي يا زمين تي رکي وري ڪاتي کڻي يڪدم جانور کي حلال ڪيو اٿس ته اهو معمولي ٿورو فرق ڪيس مباح آهي. اڳ ۾ ڇيل بسم الله، الله اڪبر سان به اهو جانور حلال ۽ جائز آهي.

ڪتاب "خلاصه" ۽ "تبيين" ۾ انهيءَ طرح لکيل آهي، پر جيڪڏهن بسم الله، الله اڪبر چئي هڪ جانور ڪنائين ۽ انهيءَ ساڳيءَ بسم الله جي آڌار تي ٻيو جانور به ڪنائين ته پويون ذبح جانور حرام ٿي ويندو ڇاڪاڻ ته بسم الله، الله اڪبر کان بعد هڪ جانور جي ذبح ۾ ڪافي وقت لڳي ويو. ان ڪري ٻيو جانور ٻئي ڀيري بسم الله، الله اڪبر چوڻ کان سواءِ اڱوٺيءَ بسم الله جي آڌار تي کهي نٿو سگهجي. پر جيڪڏهن ٻه جانور گڏ ليٽايا ويا آهن ۽ ٻنهي کي هڪ ئي بسم الله سان گڏوگڏ تڪبير وڌائين ۽ ٻنهي کي گڏي کهي ڇڏيائين ته حلال آهن. مگر جي اڳ پوءِ ٿي ويا ته پويون ڪنل جانور حرام آهي. هڪڙي ئي کهڻ واري هڪ ئي ڪاتيءَ سان اگر ٻن جانورن کي بسم الله، الله اڪبر چئي گڏي کُنو ته اهي ٻئي حلال آهن. جي اڳ پوءِ ٿي ويا ته پويون جانور حرام ٿي ويندو.

## ذبح جو ٻارهون شرط

ذبح ڪرڻ واري کي ذبح ڪرڻ وقت ايتري آواز سان بسم الله، الله اڪبر چوڻ گهرجي، جو سندس ڪن ٻڌن. جيڪڏهن ايتري گهٽ آواز ۾ بسم الله چيائين، جو سندس ڪنن به نه ٻڌي ته اهڙو ذبح ٿيل جانور حرام آهي.





## ذبح جو تيرهون شرط

جيڪو جانور ذبح ڪرڻو اٿس، اول اهو مقرر ڪري پوءِ بسم الله چوي، ائين نه جو ڌڻ ۾ اچي بيٺو ۽ چوي ته هڪ ٻڪري يا هڪ رڍ کُهندس. اها ٻڪري يا رڍ سندس خيال ۽ ارادي ۾ مقرر ناهي ته فلاڻي يا فلاڻي ٻڪري يا رڍ ڪهندس. بس ڪاتي هٿ ۾ جهلي اچي بيٺو ۽ بسم الله، الله اڪبر اڳ ۾ چئي ورتائين، پوءِ ڪنهن به ٻڪري يا رڍ کي جهلي ليٽائي ڪٽي ڪنائين ته اها ڪنل رڍ يا ٻڪري حرام آهي، حلال ناهي. ڇاڪاڻ ته فقيهن عالمن لکيو آهي ته جنهن به جانور کي کهڻ جي ارادي سان بسم الله چئجي، انهيءَ کي ئي ذبح ڪجي، پر جيڪڏهن هڪ ٻڪريءَ کي جهلي دسي، ڪاتي هٿ ۾ جهلي بسم الله، الله اڪبر چئي، پوءِ ان کي ڇڏي وري ٻي ٻڪري جهلي اڱوٺيءَ بسم الله سان ڪٽي ڪنائين ۽ ٻئي ڀيري بسم الله، الله اڪبر نه چيائين ته اها ڪنل حرام آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن جانور کي کُهڻ جي ارادي سان ليٽائي ڪاتي کڻي بسم الله، الله اڪبر چئي ڪاتي ڪنڌ تي هلايائين، مگر ڪاتي مڏي آهي، ان ڪري اها ڪاتي ڦٽي ڪري، ٻي تکي ڪاتي گهرائي ان سان ذبح ڪري ٿو ۽ ان ۾ گهڻي دير نٿي لڳي ۽ انهيءَ اڱوٺيءَ ساڳيءَ بسم الله جي آڌار تي ڪنائين ته اها ڪنل حلال ۽ جائز آهي.

## ذبح جو چوڏهون شرط

جنهن جانور کي کُنو وڃي، اهو حلال جانورن. مثال طور اُٺ، ڳئون، مينهن، ٻڪري، رڍ يا جهنگلي حلال جانورن مان هئڻ گهرجي. حرام نسل جي جانورن کي بسم الله، الله اڪبر چئي ڪنو ويو ته اهو هرگز حلال نه ٿيندو. ان ڪري مال يا جانورن جي حلال قسمن مان جانور ذبح ڪجي، حرام جانورن مان ذبح نه ڪجي.

# ذبح جا مستحب ۽ مڪروهات

(1) ڪاتي بلڪل تيز تکي هئڻ گهرجي، جيئن ڪهڻ ۾ جانور کي اهڙو ايذاءُ نہ اچي، جيڪو مڏي ڪاتيءَ جي هجڻ سبب جانور کي تڪليف ڏئي. مڏيءَ ڪاتيءَ سان جانور کي ڪهڻ شرعاً مڪروهہ آهي. انهيءَ لاءِ ڪاتيءَ کي پهريائين ڏسڻ گهرجي تہ ڪاتي تيز آهي يا نہ. جي ڪاتي مڏي آهي تہ جانور کي ڏيکارڻ کان اڳيئي ان کي تيز ڪيو وڃي، جيئن جانور کي خبر نہ پوي، جانور جي سامهون ڪاتيءَ کي تکو ڪرڻ مڪروهہ آهي. انهيءَ لاءِ تہ جانورن کي اڳ ۾ پنهنجي موت جي خبر پئجي ويندي، جنهن سان ان کي وڌيڪ تڪليف ٿئي ٿي. جانور کي ليٽائي پوءِ ڪاتي تکي ڪرڻ سخت مڪروهہ آهي، ائين ڪرڻ سان جانور کي سندس موت اکين سان ڏيکارڻو آهي، جيڪو جانور لاءِ وڌيڪ ايذاءُ ۽ تڪليف جو باعث آهي.

(2) جانور جو منهن قبلي طرف رکي پوءِ ڪهڻ گهرجي، جيڪڏهن ڄاڻي واڻي قبلي جي طرف کان ڦيرائي ٻئي طرف منهن ڪري جانور ڪنو ويو تہ مڪروهہ آهي. ها اگر پاڻيءَ جي جهاز يا ٻيڙيءَ ۾ جانور جو منهن تہ قبلي طرف ڪري ڪهڻ جي تياري ڪئي وئي، پر جهاز يا ٻيڙيءَ جو رخ ڦري ويو تہ اهو ڪٺل جانور حلال آهي يا اهڙي ٻئي ڪنهن سبب يا مجبوريءَ سبب قبلي جي طرف رخ نٿو ڪري سگهجي تہ اهو ڪٺل جائز آهي.

(3) جانور کي ڪهڻ لاءِ کابي پاسي پر ليٽائڻ گهرجي، جيئن سندس گردن ڏکڻ ڏي ۽ پڇ اُتر ڏي هجي، انهيءَ طرح ڪهڻ واري کي سهوليت ٿيندي.

(4) نڙيءَ واريون چار ئي رڳون پوري خيال سان اهڙيءَ طرح ڪپڻ گهرجن، جيئن انهن مان هڪ بہ رهجي نہ وڃي، مگر جيڪڏهن ڪهڻ واري جي غفلت سبب ٽي رڳون ڪپيون ويون ۽ هڪ رڳ رهجي ويئي تہ اهو ذبح ٿيل جانور حلال آهي، مگر ڪراهت تنزيهيءَ ۾ شمار ڪيو ويندو.

(5) جانور کي ساڄي هٿ سان ذبح ڪرڻ گهرجي، کابي هٿ سان ڪهڻ غير مستحب آهي، ان کان بچڻ گهرجي.





(6) ڪُسندڙ جانور جي سهوليت لاءِ جانور جا ٽي پير ٻڌڻ گهرجن، چوٿون کليل ڇڏجي، ان ۾ ثواب گهڻو آهي، پر جي چار ئي پير ٻڌي ٿو تہ بہ مباح آهي.

(7) اُٺ کي سيني وٽان ڪهڻ گهرجي، باقي ٻين جانورن کي ڄاڙي کان ٿورو هيٺ پرو ڪهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو اُٺ جي گردن جون چار ئي رڳون سيني وٽ ٿين ٿيون، باقي جانورن جون چار ئي رڳون ڄاڙين هيٺان هجن ٿيون، مگر جيڪڏهن اُٺ کي ڄاڙين هيٺان ۽ ٻين جانورن کي سيني وٽان ڪنو ويو تہ اهو مڪروهہ آهي.

(8) ڪهڻ وارو اوزار لوهہ يا رڪ جو هجي، ٻيءَ ڪنهن شيءِ يا اوزار سان بنا مجبوريءَ ۽ لاچاريءَ جي ڪهڻ چڱو ناهي. جيڪڏهن لوهہ يا رڪ جو اوزار هٿ نٿو اچي تہ پوءِ تکائيءَ جي خيال سان ٻئي ڪنهن بہ شيءِ سان ڪهڻ جائز آهي، مگر اهي شيون جيڪي هن کان اڳ ڄاڻايون ويون آهن، سي بہ بلڪل تيز هجڻ گهرجن.

(9) جيڪڏهن هڪ کان زياده جانور ذبح ڪرڻا آهن تہ انهن کي هڪ ٻئي کان پري ڪري ٻيهارجي ۽ پوءِ اهڙيءَ طرح ڪهڻ گهرجن. جو هڪڙي جي ڪسڻ جي ٻئي کي خبر نہ پوي، ڇو تہ ائين نہ ڪرڻ سان بہ ٻئي جانور کي ايذاءُ ۽ تڪليف پهچندي. انهيءَ لاءِ هڪ جانور کي ٻئي جي سامهون ڪهڻ ممنوع آهي.

(10) رات جي ڪهڻ کان ڏينهن جو ڪهڻ افضل آهي، ڇو جو رات جو ڇٽني رڳن جي وڍجڻ جي خبر پئي نہ سگهندي.

(11) جانور کي هميشہ نڙيءَ جي طرف کان ڪهڻ گهرجي، ڪياڙيءَ جي طرف کان ڪهڻ مڪروهہ تحريمي آهي، ڇو جو اگر جانور ڪياڙيءَ کان ڪُنو ويو ۽ ٽي رڳون ڪپجڻ تائين مري ويو يعني اجا ٽي رڳون پوريون نہ وڍيون آهن ۽ جانور مري ويو تہ اهو ذبح ٿيل جانور قطعاً حرام ٿي ويو، ان جو گوشت کائڻ حرام آهي. ان لاءِ ڪياڙيءَ کان ڪهڻ ئي نہ گهرجي.

(12) ڪهڻ وقت ڏسي تہ جانور جون چارئي رڳون وڍجي ويون آهن تہ پوءِ وڌيڪ ڪاتي هلائڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ جو اهو جانور کي وڌيڪ ايذاءُ ڏيڻ ۾ شمار آهي.

(13) کھڻ کان پوءِ جيستائين جانور جيئرو آهي، تيستائين نہ سندس ڪنڌ ڀڃڻ گھرجي ۽ نہ کل لاھڻ گھرجي ۽ نہ ڪو ٻيو عضوو وڍڻ گھرجي، جيستائين جانور پوريءَ طرح ساڪت نٿو ٿئي، انتظار ڪرڻ گھرجي. جانور جي پوريءَ طرح ساڪت ٿيڻ کان اڳ کيس گھلڻ بہ نہ گھرجي. جانور جي مڪمل حياتيءَ ڇڏڻ کان اڳي مٿين ڪمن مان ڪوبہ ڪم ڪيو ويو تہ اهو جانور مڪروھ ٿي ويندو، ڇاڪاڻ جو انهن ڪمن سبب جانور کي بيجا ايذاءُ رسائڻ نہ گھرجي. جانور حلال جانور آهي، پوءِ ٿوري دير صبر ڪرڻ گھرجي، جيئن جانور پنهنجو پساھ ڇڏي وڃي، پوءِ جيئن وڻي تيئن پلي ڪجي يعني کل لاھڻ يا گوشت ڪپڻ وغيره.

(14) جانور کي هميشہ ليٽائي دستور مطابق ذبح ڪرڻ گھرجي، اگر بنا ضرورت يا ڪنهن مجبوريءَ جي ڪنهن شخص ڄاڻي واڻي بسم الله، الله اڪبر چئي ٻڪريءَ جي ڪنڌ تي زور سان تلوار هنئي، جنهن سان ٻڪريءَ جي سسي پري وڃي پيئي تہ اهڙيءَ حالت ۾ اهو جانور مڪروھ ٿي ويندو.

(15) اهڙيءَ غفلت سان جانور کي هرگز کھڻ نہ گھرجي، جو سندس سسي صفا ڌڙ کان ڌار ٿي وڃي، جيئن ڪنهن ننڍي پکيءَ کي کھڻ وقت اگر ڪاتيءَ کي ٿورو زور ڏيڻ سان سندس سسي جدا ٿي ويندي، اتفاقي ائين ٿي وڃي تہ جانور حلال آهي، اگر ڄاڻي واڻي ائين ڪيائين تہ مڪروھ آهي. اگر ڪنهن جانور يا پکيءَ کي کھڻ کان اڳ گھاءُ يا زخم ڪري پوءِ ڪٺائين، جيتوڻيڪ اهو زخم يا ڌڪ نڙيءَ ۾ ناهي، پوءِ ڏسبو تہ انهيءَ ڌڪ کان پوءِ بہ جانور جيئرو آهي يا نہ، جي جيئرو آهي تہ کھڻ سان حلال آهي، مگر اهڙو کھڻ مڪروھ آهي، پر جيڪڏهن جانور ڌڪ لڳڻ کان پوءِ کھڻ کان اڳي ئي مري چڪو آهي تہ اهو بسم الله چئي کھڻ سان بہ حرام آهي. هيءُ بيان ذبح اختياريءَ جو آهي. شڪار وارن جانورن جا احڪام اڳيان ايندا.

—





# ذبح ضرورت جو بيان

ذبح جو هڪ ٻيو قسم، جيڪو شريعت محمديﷺ ۾ ڄاڻايل آهي، جنهن کي ذبح ضرورت چئجي ٿو. اهو ذبح ضرورت اهڙي قسم جي ذبح جو نالو آهي، جو جيڪڏهن ڪهندڙ شخص جانور تي قادر ٿي نٿو سگھي يعني تہ ذبح اختياريءَ وانگر کيس ليٽائي ان جي نڙيءَ جون چار ئي رڳون وڍي نٿيون سگھجن تہ پوءِ بسم الله چئي ڪنهن تکي اوزار سان جانور کي اهڙو زخم ڪرڻ گھرجي، جنهن سان جانور مان رت وهي نڪري، پوءِ اهڙي زخم يا گھاءُ سبب اگر جانور مري ويو تہ شريعت موجب اهو جانور حلال آهي، پوءِ ڪٽي اهو زخم بدن جي ڪنهن بہ جاءِ تي ٿيو هجيس، اهو شرط ان ۾ ناهي تہ ڪو خاص نڙيءَ وٽ هجي، پر جيڪڏهن اهڙي جانور کي بسم الله، الله اڪبر چئي ڌڪ هنيو ويو ۽ ان مان رت نہ نڪتو تہ اهڙي جانور لاءِ عالمن ۾ اختلاف آهي؛ ڪي لکن ٿا تہ حلال ٿيو ۽ ڪي ان کي مڪروھ ۽ حرام بہ لکن ٿا. ”تحفة الملوڪ“ جي شرح ۾ ان کي حلال ڄاڻايو ويو آهي.

**ذبح ضرورت جا ڇھ قسم آهن:**

(1) جيڪڏهن اُٺ يا ڳئون ڪنهن بہ شخص جهنگ ۾ ڇيڪ ڇڏي ڏنا آهن، جيڪي هميشہ جهنگلي جانورن وانگر پنهنجيءَ مرضيءَ سان گھمندا ۽ چرندا وتن ٿا ۽ پوکون ڀيليندا رهن ٿا. هرڻن ۽ ڦاڙهن وانگر پنهنجي مرضيءَ سان آزاد ڦرندا رهن ٿا ۽ ماڻهن کي ويجهو بہ اچڻ نٿا ڏين، يعني گھڻن ماڻهن جي گڏجي ڪوشش ڪرڻ کان سواءِ انهن جو پڪڙڻ ناممڪن آهي تہ پوءِ اهڙي جانور کي پري کان بيهي بسم الله، الله اڪبر چئي ڪشي تير هنيائين، زور سان تير لڳڻ سبب جانور ڪِري پيو ۽ ماڻهن جي ڊوڙي پهچڻ کان اڳي ئي مري ويو، سندس زخم مان رت وهي نڪتو آهي تہ اهڙو جانور حلال آهي. بشرطيڪ اهو حلال قسم جي جانورن مان هجي يعني اُٺ، ڳئون ۽ ٻيا حلال ذات جا جانور، جيڪي شهر ۾ هجن يا جهنگ ۾، مگر

جنهن صورت ۾ اهو جانور ماڻهن کي وڻڻ نٿو ڏئي ته پوءِ ڪيس بسم الله، الله اڪبر چئي پري کان تيز هٿيار سان ڏڪ هڻي ڪيرائي وجهجي، پوءِ جيڪڏهن ماڻهن جي ڊوڙي پهچڻ کان اڳ مري ويو ته به حلال آهي، پر جيڪڏهن اجا جيئرو آهي ته پوءِ ڪيس باقاعدي تڪبير وجهي حلال ڪرڻ لازم آهي، جيئن سندس نڙيءَ جون چار ئي رڳون ڪپجي وڃن. باقي ٻڪريءَ ۽ ڪڪڙ لاءِ هيءَ حڪم آهي ته اهي اگر اهڙيءَ جاءِ تي جهنگل ۾ رهندا هجن، جتي ڪو ماڻهو نه رهندو هجي ۽ اهي انسان کي ڏسي ڀڄندا هجن ته انهن کي بسم الله چئي تير هڻي ڪيرائي وجهبو. ماڻهن جي ڊوڙي پهچڻ کان اڳ ساهه ڇڏي ويا ته به حلال آهن. مگر جيڪڏهن ڪڪڙ يا ٻڪر شهر ۾ رهن ٿا، مگر تاهم جهلڻ نٿا ڏين ته انهن کي بسم الله چئي تير هڻي ڪيرائي وڌو ۽ هو بنا ڪهڻ جي مري ويا ته اهي حرام آهن، ڇو جو گهڻا ماڻهو ٿي به انهن کي جهلي سگهن ٿا. ٻڪري يا ڪڪڙ شهر يا ڳوٺ ۾ جهلڻ ڪا مشڪل ڳالهه ناهي. اهي ماڻهن کان ڊاڍا نٿا ٿي سگهن، پر جيڪڏهن ڪنهن انسان جهنگلي هرڻ يا جهنگلي ٻيا جانور جهلي آڻي پاڻ وٽ پاليا ۽ اهي ماڻهن سان آشنا به ٿي ويا، مگر ڪنهن وقت هنن کي وري پنهنجي جهنگل جي آزادي ياد اچي ويئي ۽ اهي ماڻهن کان ڀڄن ٿا ۽ جهل نٿا ڏين، مارين ٿا ته اهڙي جهنگلي جانور کي جيڪو ماڻهن سان آشنا ٿيڻ بعد بي قابو ٿي وڃي ٿو ان کي تير هڻي ڪيرائي، مگر بسم الله چئي پوءِ تير هڻبو ۽ ماڻهن جي پهچڻ کان اڳ اهو جانور مري ويو ته اهو حلال ۽ جائز آهي.

(2) جيڪڏهن اٺ، ٻڪري، ڳئون، مينهن يا ڪو به ٻيو حلال جانور کوهه ۾ منهن ڀر ڪري پيو ۽ سندس سسي هيٺ اچي ويئي ۽ کوهه ۾ ان جو زنده رهڻ محال آهي ۽ کوهه اهڙو تنگ آهي، جنهن مان جانور کي اصل ڪڍي نٿو سگهجي يا ڪڍڻ کان اڳ ۾ مري وڃڻ جو خطرو آهي ته اهڙيءَ صورت ۾ بسم الله چئي اهڙي جانور کي زخم ڪاري تيز تکي تلوار يا ڪاتيءَ يا تير ۽ ڀالي وغيره سان بسم الله چئي پوءِ گهاءُ ڪجي، پوءِ اهو زخم بدن جي ڀلي ڪنهن به حصي ۾ ڪجي، جنهن سان جانور جي مرڻ جو يقين هجي، ڇاڪاڻ ته جانور جو حلال ٿيڻ انهيءَ ڳالهه تي موقوف آهي، پر





جيڪڏهن اهو زخم جانور کي اُڇاترو يا هلڪو ڇمائو گهاءُ ٿيو جنهن ڪري جانور جو مرڻ يقيني ناهي ته اهو جانور حرام آهي، پر جيڪڏهن زخم اهڙو لڳو آهي، جنهن ۾ جانور جو انهيءَ زخم سان مرڻ ۾ شڪ آهي ۽ جانور مري ويو خبر ناهي ته اهو جانور زخم جي ڪري مئو آهي يا ٻيءَ طرح ته پوءِ اهڙو جانور شڪ جي سبب حلال ليکيو ويندو "ڪفايه" ۾ اهڙيءَ طرح آيل آهي. اهڙيءَ طرح کوهه ۾ ڪريل جانور کي بسم الله چئي زخم ته ڪيو ويو مگر زخم هلڪو لڳو ۽ جانور جي مرڻ جو سبب نه بڻيو ته بسم الله چئي ٻيو گهاءُ ڪيو ويو تنهن سان به جانور نه مئو ۽ وري بسم الله چئي ٽيون گهاءُ ڪيو ويو. ٽن گهائن سان جانور مري ويو ته اهڙي جانور جي حلال هجڻ تي ڪن عالمن فتوي ڏني آهي ۽ ڪن ان کي مڪروهه لکيو آهي.

(3) جيڪڏهن سان ڍڳو يا مينهن جو پاڏو وغيره يا ٻيو ڪو حلال قسم جو وڏو زوراور جانور ويڙهاڪ ٿي پيو ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ کي ويجهو اصل اچڻ نٿو ڏئي، حملو ڪري ٿو يا سڱن سان ٽڪر ٿو هڻي يا چڪ پائي ٿو يا لتون ٿو هڻي جنهن سبب ڪو به ماڻهو هن کي ويجهو نٿو وڃي سگهي. اهڙيءَ صورت ۾ ان کي به پري کان ٻيهي تير يا ڀالي سان ڪاري زخم ڪجي، مگر ڀهرياڻين بسم الله چئي پوءِ تير يا ڀالو هڻبو. جيڪڏهن انهيءَ ڀالي يا تير جي زخم سان اهو جانور يڪدم مري ويو ته اهو حلال آهي، پر جي زخمي ٿي پيو اجا منجهس ساهه آهي، مگر هاٿي وس ۾ اچي سگهي ٿو ته ان کي ذبح ڪرڻ گهرجي. اهڙي جانور اگر ڪنهن ماڻهوءَ تي اوچتو حملو ڪري ڏنو ۽ ان شخص پنهنجي بچاءَ ۾ جانور کي تلوار جو وار ڪيو ۽ بروقت جانور مري پيو ته اهڙو جانور حرام ٿي ويو ڇو جو هن اهو ڏڪ جانور کي ڪهڻ جي ارادي سان نه، پر ڊپ وچان هڻي ماريو آهي، پر جي اهڙو زخمي ٿيل جانور ڪري پيو بيوس ٿي ويو مگر اجا به ان ۾ ساهه آهي ته اهڙي جانور کي دستور مطابق ذبح ڪري پوءِ ڪاٽڻ حلال ۽ جائز آهي. ياد رهي ته جانور ڪهڻ وقت ڄاڻايل چار ئي رڳون ڪپجڻ لازم آهن ۽ بسم الله چئي ذبح ڪبو. مست ٿيل اٺ يا مست ٿيل ڍڳو يا پاڏو يا ڪو ٻيو اهڙو زبردست جانور مست ٿئي ته ان لاءِ اهي ئي احڪام آهن، پر جيڪڏهن اهڙو مست ٿيل جانور اصل قابو ۾ نٿو اچي ته پوءِ ان کي بسم الله چئي ٻيو زخم رسايو ويو.

اهڙيءَ طرح بسم الله چئي ٽيون زخم ڪيو ويو جو آخرڪار جانور ڪمزور ٿي قابو ۾ اچڻ جهڙو ٿي پيو آهي. ان کي باقاعده بسم الله، الله اڪبر چئي ڪٺو ويو تہ اهو حلال ۽ جائز آهي. اهڙو جانور جڏهن قابو ۾ اچڻ جهڙو ٿي پوي تہ پوءِ ان کي وڏيڪ زخم نہ ڪجي. بلڪ دستور موجب ليٽائي حلال ڪيو وڃي. اگر اهڙي قابو ۾ آيل زخمي جانور کي ڪنهن شخص بسم الله چئي تلوار هڻي بہ اڌ ڪري وڌو يا ٻيو ڪو اهڙو ڪاري زخم ڪري ماري وڌائين تہ اهو حرام آهي، پوءِ ڀلي بسم لله چئي اهو ڌڪ هنيو هجيس. زخم سان حلال ٿيڻ جو حڪم اتي آهي، جتي انسان کي ذبح ڪرڻ جي ڪابہ جاءِ يا چارو نہ هجي. هي وڏا پيچيده مسئلا آهن، جن کي نهايت غور سان سمجهڻ گهرجي.

(4) جيئن تہ پکي هوا ۾ اڏامن ٿا، ان ڪري اسين انهن کي هوا ۾ وڃي جهلي نٿا سگهون، ان ڪري اگر بسم الله چئي پکيءَ کي تير هنيو ويو، جنهن سان هو مري ويو تہ اهو حلال ۽ جائز آهي، پوءِ اهو زخم ڪٿي کهڙيءَ بہ جاءِ تي ٿيو هجيس، پر جيڪڏهن ڪنهن انسان پنهنجي پاليل ڪبوتر کي، جيڪو ڪنهن وقت اڏاٽو آهي، پوءِ ماٺهوءَ ان کي بسم الله چئي تير هنيو ۽ اهو تير ڪبوتر کي نڙيءَ کان سواءِ ٻيءَ جاءِ تي وڃي لڳو ۽ ڪبوتر ڪري پيو ۽ مري ويو، تہ اهو ڪبوتر حرام ٿي ويو. ڇو جو پاليل پکي ماڻهن سان اهڙو تہ هاڻو ماڻو ٿي رهي ٿو، جو اڏامي وڃڻ کان پوءِ بہ هو وري پنهنجيءَ جاءِ تي اچي ٿو پر جي اهو تير جيڪو ان شخص ڪبوتر کي بسم الله چئي هنيو هو، سو صحيح طور وڃي نڙيءَ ۾ لڳس، جنهن سان ڪبوتر جي نڙيءَ جون چار ئي رڳون ڪپجي ويون تہ اهو حلال آهي. تير جو تکو هجڻ لازم آهي. اگر جهنگلي ڪبوتر بہ جيڪو ماڻهن سان هريل هجي تہ ان لاءِ بہ اهو ئي حڪم آهي. ڪتاب ”قاضي خان“ ۾ انهيءَ طرح بيان فرمايو آهي.

(5) جيڪڏهن ڪڪڙ ڀڄي ڪنهن وڻ تي چڙهي ويو ان کي وڻ تان هيٺ لاهڻ کان سواءِ ڪهي يا ذبح ڪري نٿو سگهجي، پر ماڻهو جيڪڏهن وڻ تي چڙهي ٿو تہ ڪڪڙ وري ٻئي وڻ يا جاءِ تي ڀڄي وڃي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾ اگر بسم الله چئي ڪڪڙ کي تير هنيو ويو ۽ اهو مري ويو تہ اهو حلال ۽ جائز آهي. جيتوڻيڪ اهو پالتو گهريلو جانورن ۾ ليکيو وڃي ٿو،





پر جيڪڏهن تير اهڙو نہ لڳو اٿس، جو مري پيو هجي، بلڪ زخمي ٿي هيٺ اچي ڪري ٿو ۽ اجا جيئرو آهي تہ اهڙي جيئري زخمي ٿيل کي قاعدي موجب ذبح ڪري پوءِ کائڻ گهرجي. مرڻ لاءِ ڇڏي نہ ڏبو، اگر ڄاڻي واڻي ڪڪڙ کي ڇڏي ڏنو ويو ۽ هو تڙڦي تڙڦي مري ويو تہ اهو حرام آهي، ڇو جو ان کي ايتري حياتي هئي، جو ڪهڻ جو وقت ملي ويو ٿي، نہ ڪٺو تہ حرام آهي. مگر جيڪڏهن تير جي ڌڪ سان مري هيٺ اچي ڪريو آهي تہ اهو حلال آهي. اگر تير لڳڻ ۽ ڪرڻ کان پوءِ ڪڪڙ ۾ بلڪل ٿوري حياتي آهي، جو حلال ڪرڻ جي مهلت ناهي يعني ڪي ٿورڙا پساهہ اٿس ۽ پوءِ فوراً مري ويو تہ اهو حلال آهي. اگر ڪڪڙ تير سان زخمي ٿي وڻ ۾ اٽڪي پيو آهي ۽ منجهس ساهہ اجا آهي تہ ان کي لاهي ذبح ڪرڻ گهرجي، پر جي وڻ تي پهچڻ يا چڙهڻ ڏکيو ۽ ناممڪن آهي، تہ اهڙي زخمي ٿيل کي بسم الله چئي وري ٻيو تير هڻي ماربو تہ، اهو حلال ۽ جائز آهي. پوءِ وڻ تان ڪنهن بہ ترڪيب سان لاهي استعمال ڪرڻ يعني کائڻ گهرجي. اهو جائز ۽ حلال آهي. ڪڪڙ ۽ ڪبوتر جو ساڳيو هڪ جهڙو حڪم آهي، ڇو جو ڪبوتر بہ گهريلو پالتو جانور ليکيو وڃي ٿو، ان ڪري ٻئي هڪڙي حڪم هيٺ اچن ٿا، مگر جهنگلي پکين لاءِ حڪم جدا آهن.

(6) اُٺ، مينهن، ڳئون يا اهڙو ڪوبہ حلال جانور حمل يعني پيٽ سان آهي، ويم جي وقت ان کي تمام تڪليف ٿي پئي آهي، ڦر ٻاهر نٿو اچي ۽ ڦر جي اندر ئي مري وڃڻ جو امڪان پيدا ٿي پيو آهي تہ اهڙيءَ صورت ۾ جانور جي جان مان اندر هٿ لنگهائي ڦر جي گردن هٿ ڪري ماءُ جي پيٽ ۾ ئي ان کي ذبح ڪرڻ گهرجي. ڇري يا چاقو احتياط سان اندر لنگهائي، باقاعدي بسم الله چئي ان کي نڙيءَ کان ذبح ڪيو وڃي، پر جيڪڏهن ڪنهن صورت ۾ نڙي هٿ نٿي اچي تہ پوءِ ڦر کي ٻئي هنڌ تان بسم الله چئي اهڙيءَ طرح زخمي ڪري يا ڪپي، جو سندس ساهہ نڪري وڃي تہ اهو حلال آهي. مگر جيڪڏهن گردن بہ هٿ اچي وئي آهي، پر ڪهڻ وارو ان کي ڄاڻي واڻي ٻئي هنڌان زخم ڪري ماري ٿو ۽ ڪٿي بسم الله چئي زخم ڪري ماري ٿو تہ بہ اهو جانور حرام آهي، ڇو جو گردن هٿ اچڻ کان پوءِ بہ هن ڄاڻي ٻجهي هن کي ٻئي هنڌ تان ڪٺو آهي، ان ڪري اهو ڪٺل حرام آهي. اگر

ڪنهن ٻڪريءَ يا ڳئون يا ڪنهن ٻـ حلال جانور ڪي پيٽ ۾ سور اچي پيو يا ڪيس ڪاري واءَ اوچتو اچي جهليو آهي ۽ ان جي يڪدم مرڻ جو خطرو آهي، اهڙي جانور کي باقاعدي ڪهڻ جي بجاءِ جيڪڏهن بسم الله، الله اڪبر چئي ڏڪ هڻي ماريائين، تـ اهو ڪنل حرام آهي، حلال نـ آهي. يا وري جهنگ ۾ ڪنهن هنڌ تي چرندي ڪنهن ٻڪريءَ يا ڳئون وغيره کي اوچتو اهڙي بيماري ٿي پئي ۽ ڏنار وٽ ڪهڻ جهڙي ڪابـ شيءِ موجود ناهي. ڪاتيءَ جي ڪٽي اچڻ تائين يقيناً مري ويندو پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن ٻـ ٻيءَ شيءِ سان بسم الله، الله اڪبر چئي ڪٽي زخم ڪيائين تـ بـ اهو مئل جانور حرام آهي، ڇو جو ان جون نڙيءَ واريون چار ئي رڳون وڍجڻ شرط آهن. انهيءَ طرح سان ڪوبـ اٺ، ڳئون، ٻڪري يا ان جو ڦر ڪهڻ کان اڳي مري ويو تـ اهو حرام آهي. اگر ڦر ماءُ جي پيٽ مان جيئرو نـ نڪتو ۽ شڪ جي سبب ڪيس جيئرو سمجهي کهي وڌائون، تـ اهو حرام آهي ۽ چئني مذهبن ۾ حرام آهي، پر جي ڦر ماءُ جي پيٽ مان صحيح سلامت جيئرو نڪتو جيئن ڪن يا پُڇ يا ڄنگهون چوريائين ۽ ان کي بسم الله چئي ذبح ڪيو ويو تـ اهو بيشڪ حلال ۽ جائز آهي.

## حلال ۽ حرام جانورن جو بيان

هن بيان ۾ وڌيڪ سهوليت لاءِ حلال۽ حرام جانورن جي جدول ڏني وئي آهي، جا هڪ رسالي "تميز الڪلام في بيان حلال و الحرام" مان ورتل آهي. انهيءَ کان اڳ ڪي ضروري قاعدا ۽ هدايتون درج ڪجن ٿيون، جيئن تـ هر قسم جا جانور زمين مٿي ٽن قسمن جا پيدا ٿيل آهن.

(1) چوپايا

(2) پکي

(3) زمين تي سرندڙ جيت





## چوپاين جانورن جو بيان

اهڙا چوپايا جانور، جيڪي ٻين چوپاين جانورن کي زوريءَ چنبن ۾ جهلي ڏندن سان چني ڦاڙي کائين ٿا. اهڙي قسم جا سيئي چوپايا درنده جانور حرام آهن، جيئن شينهن، بگهڙ وغيره، پر جيڪڏهن ٻن قسمن جي جانورن مان ٽيون قسم جانور پيدا ٿي پيو، جيڪڏهن ماءُ ان جي حرام جانورن مان ۽ پيءُ اُن جو حلال جانورن مان آهي. جيئن تـ مادي گڏهه کي ڏاند جي لڳ ڪرڻ سان ڪودڙو ڄائو يا وري ڪتيءَ کي ٻَڪر مان گلر ڄائو تـ اهڙو ڄاول جانور ماءُ جي سبب ڪري حرام آهي، پر جيڪڏهن ماءُ اُن جي حلال جانورن مان آهي ۽ پيءُ حرام جانورن مان، جيئن ٻڪريءَ ڇيلو ڄڻيو ڪتي يا بگهڙ مان، يا ڳئون ڦر ڄڻيو گڏهه مان، يا جهنگل ۾ هرڻيءَ تي ڪنهن حرام جانور ٽپو ڏنو ۽ ان مان ڦر ڄائو تـ انهن سيني مسئلن ۾ ڦر ماءُ جي طرف حلال هئڻ سبب حلال ليکيو ويندو، پر ڦر کي ماءُ جي حلال واري حڪم ۾ تڏهن آڻبو جڏهن ان جي شڪل بـ ماءُ جهڙي هجي. اگر ان جي شڪل صورت پيءُ جهڙي آهي تـ پوءِ اهڙو جانور حرام آهي، پر جيڪڏهن ڪي نشانيون پيءُ جهڙيون ۽ ڪي ماءُ جهڙيون اٿس تـ پوءِ جيڪو ڦر ڪُتي ۽ ٻڪريءَ مان ڄاول آهي، ان کي ڪتن ۽ ٻڪرين ۾ ڇڏي ڏسبو، جيڪڏهن ڪتن سان وڃي مليو تـ حرام آهي ۽ جي ٻڪرين جي ڌڻ ۾ شامل ٿي ويو تـ حلال آهي. اهڙي جانور کي حلال ڪرڻ کان پوءِ منڍي ان جي ڦٽي ڪري ڇڏبي، پر جيڪڏهن اهڙو جانور ڪتن ۽ ٻڪرين ٻنهي سان هلي ٿو تـ پوءِ ان جي اڳيان گوشت ۽ گاهه ٻئي آڻي رکبا، جيڪڏهن گاهه کاڌائين تـ حلال، جي گوشت کاڌائين تـ حرام ليکيو ويندو. مگر منڍي ان جي ذبح ڪرڻ کان پوءِ اڇلائي ڇڏجي، پر جي گوشت بـ کائي ٿو ۽ گاهه بـ کائي ٿو اهڙي جانور کي زور سان پٽن تي لٽ هڻجي، جيڪڏهن ڪتي وانگي ڪوڪاٽ ڪيائين تـ حرام، جيڪڏهن ٻڪريءَ وانگر ٻبڙاٽ ڪيائين تـ حلال، پر اهڙي جانور جي ڪهڻ کان پوءِ منڍي

اڇلائي ڇڏبي، پر جيڪڏهن دانهن بہ گڏيل قسم جي ڪيائين، يعني ڪتي ۽ ٻڪريءَ وانگر، تہ پوءِ ان جي اڳيان پاڻي آٽي رکبو. جيڪڏهن ڪتي وانگر لڪي پيتائين تہ حرام آهي ۽ جيڪڏهن ٻڪرين وانگر جلديءَ سان ٻئي گوڏا پيچي پيتائين تہ حلال آهي، پر اهڙي جانور جي منڊي ڦٽي ڪئي ويندي، پر جيڪڏهن بعضي ڪُتي وانگر لڪي پاڻي پيتائين ۽ بعضي ٻڪريءَ وانگر گوڏا پيچي پاڻي پيتائين، تہ اهڙي صورت ۾ کهڻ کان سواءِ سندس خبر پوڻ محال آهي. پوءِ کهڻ کان بعد ڏسبو تہ پيٽ ۾ جيڪڏهن رڳا آنڊا اٽس ۽ اوجهري نہ اٽس تہ حڪم ڪُتي جو ثابت ٿيندو ۽ اهو جانور حرام آهي ۽ جيڪڏهن آنڊا ۽ اوجهري ٻئي اٽس تہ حلال آهي، مگر منڊي ان جي اڇلائي ڇڏبي. "فتاويٰ قاضي خان" ۽ "سعوديءَ" ۾ اهي مئسلا انهيءَ طرح لکيل آهن، پر جيڪو جانور اصل حلال آهي، پر انهيءَ کي پليت شين کائڻ جي اهڙي عادت پئجي وئي آهي، جو پنهنجو گذران رڳو انهن شين تي ڪري ٿو گاهہ اصل نٿو کائي، ايتري قدر جو پليت شين کائڻ سبب سندس گوشت ۾ بہ انهن شين جي بدبوءِ اچي ٿي، اهڙي جانور کي ڪجهہ ڏينهن گهر ۾ ٻڌي بيهارجي ۽ ان کي رڳو گاهہ کارائجي تہ پوءِ ان جو گوشت ۽ کير ٻئي حلال آهن. گهر ۾ بيهاري کارائڻ جي مدت عالمن سڳورن هن طرح لکي آهي تہ اٺ ۽ ڳئون کي ڏهہ ڏينهن، رڍ ۽ ٻڪريءَ کي چار ڏينهن، ڪڪڙ کي ٽي ڏينهن ۽ جهرڪيءَ کي هڪ ڏينهن. مگر ڪتاب لکن ٿا تہ ڏينهن جي شمار کان ٻڌي رکجي، جيستائين سندس گوشت ۽ کير مان بدبوءِ بلڪل نڪري وڃي. جڏهن اهڙي خاطري ٿئي تہ پوءِ ان کي بيشڪ کهڻ گهرجي ۽ پوءِ اهو حلال آهي، پر جيڪڏهن پليت شيون کائي ٿو ۽ گاهہ بہ چري ٿو ۽ سندس گوشت يا کير ۾ ڪابہ بدبوءِ ناهي تہ پوءِ اهو بيشڪ حلال آهي، ان کي يڪدم کهي کائي سگهجي ٿو ڇو جو سرڪارِ دو عالم ﷺ جن پاڻ ڪڪڙ جو گوشت تناول فرمايو آهي، پر جي حلال جانور جي ڦر کي حرام جانور جو کير ڏارايو ويو يا ان کي شراب پيياريو ويو يا پليت پاڻي پيياريو ويو تہ ڏسبو تہ اها هلت پهريون پيرو ڪئي ويئي آهي يا ٻيو پيرو. پوءِ جيڪڏهن ان پليت شيءِ جي پهريون پيرو پيارڻ کان پوءِ يڪدم اهو جانور ذبح ڪيو ويو تہ بلاشڪ





حلال آهي، پر جيڪڏهن ان کي اهي پليت شيون گهڻو وقت پيياريون ويون آهن تہ پوءِ اهو گوشت ڪنهن کي بہ کارائڻ نہ گهرجي، پر جي انهن شين کارائڻ کان بعد ٽي يا چار ڏينهن گهر ۾ ٻڌي پاڪ شيون کيس کارايون ويون آهن، پوءِ ان کي ذبح ڪيو ويو تہ ان جو گوشت کائڻ جائز ۽ حلال آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن انسان، ڳئون، ٻڪريءَ يا ٻئي ڪنهن حلال جانور سان مُنهن ڪارو ڪيو تہ اهو انسان سخت گناهہ گار آهي. پهريائين ان کي تعزير ڏنو ويندو، پوءِ انهيءَ جانور کي کهي باهہ ۾ ساڙائي ڇڏبو. معتمد عليه بزرگن جو اهو ئي قول آهي. جناب حضرت علي ڪرم الله وجهه جن اهڙو جانور کهارائي، پوءِ باهہ ۾ ساڙائي ڇڏيو هو.

—

## پکين جو بيان

اهڙا سيئي پکين جا قسم، جيڪي چنبي سان شڪار ڪري کائين ٿا، سي سيئي حرام آهن. جيئن باز، شڪرو، لغڙ، ٽُرمچي ۽ ٻيا. اهڙي قسم جا سيئي پکي، جيڪي ڍونڍ، گند ۽ پليت شين تي گذران ڪن ٿا ۽ پاڪ شيءِ اصل نٿا کائين، جهڙيءَ طرح ڳجهه، سرڻ ۽ ڪانگ وغيره حرام آهن. اهڙا سڀ پکي، جيڪي پاڪ ۽ پليت ٻئي شيون کائين ٿا، اهي خدا جي فضل سان سڀ حلال آهن، جيئن ـ طوطو چٻ، هدهد، ڳيرو، جهرڪي، ڪڪڙ، ابابيل ۽ مور وغيره. گهڻا ماڻهو طوطي ۽ چٻ کي حرام سمجهندا آهن، مگر نه،اِهي ٻئي حلال آهن. امام ابو حنيفه يعني امام اعظم جي مذهبي مسلڪ موجب ٻئي حلال ۽ جائز آهن. ڪانءَ جو حڪم ٽن قسمن تي آهي. هڪڙو قسم ڪانوَ جو اهو آهي، جيڪو چنبي سان شڪار ڪري ٿو، اهو قسم حرام آهي. ٻيو قسم اهڙو آهي، جيڪو پليتيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نٿو کائي، اهو به حرام آهي. ٽيون قسم اهڙو آهي، جيڪو پليتي به کائي ٿو ۽ اَن جا داڻا به چڳي ٿو ۽ چوٿون فقط ان چڳي ٿو. پويان ٻئي قسم يعني نمبر 3 ۽ 4 ٻئي حلال آهن. باقي ٻهريان به قسم حرام آهن.

—





## سُرندڙ جانورن جو بيان

انهيءَ قسم جا جانور، جيڪي پيٽ ڀر سُرن ٿا، اِهي سڀ حرام آهن. جهڙوڪ: نانگ، وڇون وغيره. جن جو تفصيل جدول ۾ ايندو اتي ڏسندا. اهڙا ٻيا جانور ٻن قسمن کان سواءِ، سيئي حرام آهن، جن ۾ رت نٿو هجي، باقي انهن ۾ ٻه قسم يعني مڇي ۽ مڪڙ اهي حلال آهن. ڪيئڻ ۽ جيتن جا قسم، جيئن مڇر، منگهڻ، ڪارڙا ۽ ڪيئڻ جا سمورا قسم حرام آهن. مگر جيڪي ڪيئڻان ميوي، فروٽ يا جيڪي ان ۾ پيدا ٿين ٿا ته اُنهن لاءِ اهو حڪم آهي ته انهن کي ڪڍي ڦٽو ڪري، ان کي صاف ڪجي، مگر جيڪڏهن نهايت احتياط سان ڪڍڻ کان پوءِ به ڪو ڪيئڻون اَن وغيره يا ميوي ۾ رهجي ويو ۽ ان کي پُل يا اٽجاٽائيءَ ۾ کائي ويو ته اهو جائز آهي. ڪتاب "مطالب المؤمنين" ۾ اهڙيءَ طرح لکيو ويو آهي، مگر ڪيئئين واري فروٽ کي کائڻ مان نقصان ٿيڻ جو امڪان آهي، ان ڪري اهڙو سڙيل فروٽ يا خراب ٿيل اَن اصل استعمال نه ڪرڻ گهرجي ته بهتر آهي.

—

# مڇي ۽ پاڻيءَ جا ٻيا جانور

هيءُ هڪ قدرتي عام فائدو آهي تہ جيڪو بہ جانور پاڻيءَ ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ پاڻيءَ ۾ ئي زندگي گذاري ٿو، ان ۾ وهندڙ رت پيدا نٿو ٿئي. اهڙن سيني قسمن جي جانورن مان پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ صرف مڇيءَ جو قسم حلال آهي. ٻيا سمورا قسم جانورن جا پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ ۽ پاڻيءَ ۾ حياتي گذاريندڙ حرام آهن. ٻيو اهڙو قسم جانورن جو جيڪو پيدا تہ سُڪيءَ تي ٿئي، مگر پوءِ وچي پاڻيءَ ۾ رهي ٿو جيئن پکين جا بعضي قسم، جهڙوڪ: بدڪ، آڙي، نيرڳي وغيره. انهيءَ قسم جا جانور ۽ مڇيءَ جا سڀ قسم حلال آهن. پوءِ اها ڇيلري هجي يا لسي، ڄرڪي، ڪڳي ۽ سينگاريءَ وانگر صاف اڇي هجي يا ننڍي، پر مڇي مئل تڏهن حلال آهي، جڏهن موت ان جو ڪنهن سبب سان ٿيو هجي، جيئن تہ درياءَ يا تلاءَ ۽ ڍنڍ مان مڇي جيئري ڦاسائي ٻاهر آندائون، پوءِ اها پاڻيءَ کان جدا ٿيڻ سبب مري ويئي يا مڇي ٽپو ڏيئي پاڻيءَ کان ٻاهر اچي ويئي ۽ پوءِ اتي مري ويئي يا درياهہ وير جي مهل مڇيءَ کي سُڪيءَ تي اڇلي ڇڏيو ۽ پوءِ هوءَ وري پاڻيءَ تائين پهچي نہ سگهي ۽ مري ويئي يا ڪنهن ڍنڍ يا دُٻي جو پاڻي سڪي ويو ۽ مڇي پاڻي نہ ملڻ سبب مري ويئي يا هڪڙي مڇي ٻيءَ مڇيءَ پويان لڳي، اڳين مڇي ڀڄندي ڀڄندي سُڪيءَ تي چڙهي وئي ۽ اتي ڦٿڪي مري وئي يا مڇيءَ کي ڪنڍيءَ ۾ ڦاسائي ٻاهر آندو ويو ۽ پوءِ مري وئي يا ڪنهن پکيءَ ڇهنب سان مڇي جهلي آڻي ٻاهر ڦٽي ڪئي، پوءِ مري وئي يا ڪنهن پکيءَ مڇيءَ کي ٺونگا هڻي ماري وڌو يا پاڻيءَ ۾ اهڙي شيءِ وڌي وئي، جنهن سان مڇي مري ويئي يا مڇيءَ کي جهلي پاڻيءَ جي مٽ ۾ وڌو ويو مگر سوڙهہ ۽ تنگيءَ سبب مڇي مٽ ۾ مري وئي يا وري سج جي سخت تپش جي سبب دٻي جو پاڻي اهڙو گرم ٿي ويو جو مڇي مري وئي يا پاڻيءَ جي سخت ٿڌي ٿيڻ يا پاري جي ڄمڻ سبب مڇي مري وئي يا جهولي جو گرم واءُ مڇيءَ کي لڳو ۽ مري وئي تہ انهن مٿي بيان ڪيل سببن ڪري جيڪا مڇي مُئي آهي ۽ اجا تازي آهي، خراب نہ ٿي آهي، تہ اها کائڻ جائز آهي. مگر جيڪڏهن مڇي ڪنهن بيماريءَ جي سبب يا قدرتي موت مري وئي آهي يا مڇي پاڻيءَ ۾ مئل تہ ڏٺي وئي، مگر سندس موت جي ڪا خبر نہ آهي تہ ڪيئن مُئي آهي يا بنا سبب مئي آهي تہ اهڙن مٿين سببن ڪري مئل مڇي پاڻيءَ جي ننڍي دٻي ۾ مئل آهي ۽ ان جو ڪجهہ حصو پاڻيءَ ۾ آهي ۽ ڪجهہ ٻاهر تہ ڏسبو تہ منڍيءَ وارو پاسو پاڻيءَ ۾ اٿس تہ ان جو کائڻ ناجائز آهي، پر جيڪڏهن منڍيءَ وارو طرف ٻاهر ۽ پڇ وارو طرف پاڻيءَ ۾ آهي تہ ان کي کائڻ جائز آهي.

ڪتاب ”ڪفايہ“ ۽ ”تبيين الحقائق شرح ڪنز الدقائق“ ۾ اهي مسئلا انهيءَ طرح لکيل آهن.

هاڻي اها مڇي، جا مرڻ کان پوءِ پاڻيءَ مٿي تري پئي تہ ان کي ڏسبو تہ ان جو اگر پيٽ مٿي ۽ پٺي هيٺ آهي ۽ لڙهي رهي آهي تہ پوءِ ان جو کائڻ حرام آهي، پر جيڪڏهن نہ تہ سُڄي آهي ۽ نہ وري پيٽ مٿي اٿس، مگر پٺي مٿي ۽ لڙهي رهي آهي يا ان جي موت جو ڪو سبب معلوم ٿي ويو جيئن تہ پٺيءَ يا پيٽ تي ڪو زخم نظر اچي ٿو تہ ان جو کائڻ جائز آهي، نہ تہ حرام آهي، پر جيڪڏهن مڇيءَ کي ڪنهن شخص تلوار يا ڪهاڙي هڻي ٻہ اڌ ڪري وڌو يا ڪنهن پکيءَ ڇهنب سان مڇيءَ کي ٻہ اڌ ڪري ڇڏيو آهي تہ اهڙيءَ صورت ۾ مڇيءَ جي ٻنهي ٽڪرن کي کائڻ جائز آهي، پر جيڪڏهن هڪ مڇيءَ جي پيٽ مان ٻي مڇي نڪري آئي يا ڪنهن پکيءَ کي حلال ڪيو ويو ۽ سندس پيٽ مان مڇي ثابت نڪري آئي، اهڙي مڇي جيڪڏهن ثابت ۽ سلامت نڪتي آهي تہ کائڻ جائز آهي، پر جي ڳريل ۽ خستہ حالت ۾ آهي تہ ان جو کائڻ ناجائز آهي. مجوسيءَ جي هٿن جي شڪار ڪيل مڇي کائڻ جائز آهي.

علامہ دميريءَ جي ڪتاب ”حياة الحيوان“ ۾ درج آهي تہ مجوسيءَ جي هٿن جي ماريل مڇي، چئني مذهبن ۾ جائز ۽ روا آهي، پر جيڪي بہ مسلمان مڇي مارڻ جو ڌنڌو ڪن ٿا، تن تي اهو لازم ناهي تہ ڪو بسم الله چئي پوءِ مڇي مارين، يا بسم الله چئي پوءِ مڇيءَ جو ڪنڊ وڌين، پر جيڪڏهن بسم الله چون ٿا تہ ڪو هرج ناهي، ڀلي چون، اها مڇي هر صورت ۾ حلال ۽ جائز آهي.

جيڪڏهن ڪا مڇي پليت پاڻيءَ ۾ پيدا ٿي ۽ وڏي ٿي آهي ته اهڙي مڇيءَ کي پاڪ پاڻيءَ ۾ ڌوئي، پوءِ ان جو پتو ۽ وچ جو ڪنڊو ڪڍي ڦٽا ڪري پوءِ کائڻ جائز آهي. مگر ننڍڙي ۽ سنهي مڇي، جنهن جو پتو يا ڪنڊو نٿو ڪڍي سگهجي ۽ اها پليت پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيل آهي ته اها مڇي کائڻ مڪروه آهي، ان ڪري ان کي نه کائڻ بهتر آهي. جهينگو يا گانگٽ به مڇي آهي، ڇاڪاڻ جو ان کي برابر ڪليون آهن. جيئن ٻين مڇين کي ٿين ٿيون. ڪن عالمن ان کي پاڻيءَ جو ڪينئون ڪري لکيو آهي، حالانڪ صحيح قول اهو آهي ته جهينگو مڇي آهي ۽ ان جو کائڻ جائز آهي. جن جانورن جو گوشت حرام آهي تن جا آنا ۽ کير به حرام آهن. سواءِ ماڻهوءَ جي کير جي، جيڪو ٻار لاءِ حلال ۽ جائز آهي. اگر مئل ٻڪريءَ مان ڪنهن شخص کير ڏڌو ته کير حلال آهي. مئل ڪڪڙ جي پيٽ مان نڪتل آنا به کائڻ جائز آهن، بشرطيڪ اهي ذبح ڪري کڻڻ سان مئا هجن، ائين نه مئا هجن. گهوڙي جو گوشت ڪراهت تنزيهي آهي، مگر ڪن عالمن هن کي ڪراهت تحريمي ڪري لکيو آهي. حضرت امام اعظم جي فتويٰ موجب ڪراهت تنزيهي آهي.

## حلال ۽ حرام جانورن جي جدول

| جانور جو نالو | قسم جانور | حنفي مسلڪ | شافعي مسلڪ | مالڪي مسلڪ | حنبلي مسلڪ |
|---|---|---|---|---|---|
| اُٺ | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |
| ٻڪري | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |
| رڍ | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |
| مينهن | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |
| ڏاڙهو | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |
| سهو | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |
| دنبو | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |
| سرهه | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |
| ڳئون، ڍڳو | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |
| گورخر | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |





| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| هرڻ | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |
| روجهه | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |
| مڇي هر قسم جي | مڇي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| گينڊو | چوپايو | حلال | حلال | حلال | حلال |
| ابابيل | پکي | حلال | حرام | حلال | اختلاف فيه |
| بدڪ | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| ٻگهه | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| بلبل | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| ٻٽيرو | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| تتر | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| مڪڙ | جيت | منڊي اڇلي چڙي | حلال | حلال | حلال |
| چڪور | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| جهرڪي | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| چيهو | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| اُٺ پکي | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| ڳيرو | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| قمري | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| موسڙو | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| ڪبوتر | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| ڪونج | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| هنج | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| گوشت کائيندڙ لقلق | پکي | حلال | حرام | حلال | حرام |
| ڪڪڙ | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| ممولو | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| مور | پکي | حلال | حرام | حلال | اختلاف فيه |
| ڊيل | پکي | حلال | حرام | حلال | اختلاف |
| مينا | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |
| هدهد | پکي | حلال | حرام | حلال | اختلاف |
| ڇَتون | پکي | حلال | حلال | حلال | حلال |

انهن کان سواءِ ڪبوتر جهنگلي يا پاليل آڙيون ۽ انهيءَ قسم جا آبي پکي نيرڳي، بدڪون، ڏوهيلا، چيخلا ۽ ٻيا پکي، جيڪي ڏنڊين ۾ لين ٿا، ٽيٽو پکي، تهڙ، منگهه، جهنگلي ڪڪڙ، ڪوڪڙٽ ۽ چپ، اهي جانور سڀيئي حنفي مسلڪ ۾ حلال ۽ جائز آهن.

## حرام جانورن جي جدول

| نالو جانور جو | قسم | حنفي مسلڪ | شافعي مسلڪ | مالڪي مسلڪ | حنبلي مسلڪ |
|---|---|---|---|---|---|
| بگهڙ | چوپايو | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| چراخ | چوپايو | حرام | حرام | حلال | حلال |
| ٻلو جهنگلي | چوپايو | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| ٻلو پاليل | چوپايو | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| ڀولڙو/ باندر | چوپايو | حرام | حرام | حلال | حرام |
| وڇون | سُرندڙ | حرام | حرام | حرام | حرام |
| چيتو شينهن | چوپايو | حرام | حرام | حرام | حرام |
| واگهه شينهن | چوپايو | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| جهنگلي ڪئو | ٻپايو | حرام | حلال | حلال | اختلاف |
| گهريلو ڪئو | ٻپايو | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| رڇ | چوپايو | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| سوئر | چوپايو | حرام | حرام | حرام | حرام |
| سنجاب | چوپايو | حرام | حلال | اختلاف | اختلاف |
| جاهو | چوپايو | حرام | حلال | حلال | حرام |
| نانگ هر قسم جو | سُرندڙ | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| ڪچون | سُرندڙ | حرام | حرام | حلال | حلال |
| ٽٽي ٽور | سُرندڙ | حرام | حرام | حلال | حلال |
| ڳوهه | سُرندڙ | حرام | حلال | حلال | حلال |
| واڳو | سُرندڙ | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| نور نوريئڙو | سُرندڙ | حرام | حلال | حلال | حرام |
| ببر شينهن | چوپايو | حرام | حرام | حرام | حرام |





| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪتو | چوپايو | حرام | حرام | حرام | حرام |
| گدڙ | چوپايو | حرام | حرام | حلال | حلال |
| گڏهه | چوپايو | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| لومڙ | چوپايو | حرام | حلال | حلال | حرام |
| هاٿي | چوپايو | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| باز | پکي | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| باشو | پکي | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| بحري | پکي | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| ٽُرمچي | پکي | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| جرح باز | پکي | حرام | حرام | مڪروه | حرام |
| سرڻ | پکي | حرام | حرام | حرام | حرام |
| چيچي چمڙو | پکي | حرام | حرام | حرام | حرام |
| ڳجهه | پکي | حرام | حرام | مڪروه | حرام |

اُنهن کان سواءِ گونهن خور، لغڙ، عقاب، ڪئامار، ڪڙيل ۽ ڪي ٻيا پکي حنفي مسلڪ ۾ حرام آهن.

—

# مڪڙن جو بيان

مڪڙن جا سڀ قسم شريعت محمديءَ ۾ حلال ۽ جائز آهن، پوءِ ڪٽي ڪهڙي بہ طرح مئا هجن. سبب سان يا بنا سبب، مسلمانن جا جهليل ۽ ماريل هجن يا ڪنهن ٻئي غير مذهب جا. مڪڙن جي جهلڻ وقت بسم الله چوڻ بہ ضروري ناهي. مڪڙ جهلي ڪنهن ڪڏ ۾ پوري ماريا ويا يا گرم پاڻيءَ ۾ وجهي يا ائين باهہ ۾ وجهي پچايا ويا تہ اهي سڀ طرح سان حلال ۽ جائز آهن ۽ چئني مسلڪن ۾ جائز آهن. مگر جيئرا نہ کائجن. جيئري شيءِ کي کائڻ مڪروهہ آهي. ان ڪري جيئرا جهلي نہ کائجن. ڪين ماري پوءِ کائبو. [اڄڪلهہ مڪڙن جي جُهنڊن مٿان هوائي جهازن سان زهريلي دوا ڇنڊي ڪين ماريو وڃي ٿو. اهڙن مڪڙن کي کائڻ مان سخت نقصان ٿيڻ بلڪ موت جو خوف آهي.] ان ڪري مڪڙن کي ڌسي وائسي پوءِ استعمال ڪري، يا انهن کي ڌوئي گرم پاڻيءَ سان صاف ڪري پوءِ پچائي کائي تہ بہ احتياط ڪرڻ لازم آهي.

—

• [ ] نشانين ۾ مواد مترجم جو ڏنل آهي.





# حلال جانورن مان جيڪي شيون نہ کائجن، تن جو بيان

کهڻ مهل جيڪو نڙيءَ مان سِير جو رت وهي نڪري ٿو، اهو پيئڻ يا کائڻ مطلق حرام آهي، ان کان علاوہ ٻيو جيڪو رت گوشت سان گڏ آهي، اهو پاڪ ۽ جائز آهي. ڪتاب لکن ٿا تہ کهڻ وقت جيڪو رت پٽ تي وهي نڪري ٿو، اُهو حرام آهي ۽ ٻيون ڏهہ شيون جانور حلال ڪٺل ۾ مڪروهہ آهن، اهي هي آهن:

(1) آلت يا ذڪر، (2) فرج يا سار، (3) آنورا (جنهن کي ڪپورا چوندا آهن، (4) مقعد، (5) پتو، (6) وڪو يا ڇيچڙو، (7) سنهون پردو جنهن ۾ چرٻي نہ هجي، (8) ڪنڌ جون ٻئي ٻنڌيون، (9) ميڄالو يا مغز (10) پٺ جي ڪنڍي جو مغز يا مِڪّ، جنهن کي حرام مغز چئبو آهي، جنهن ۾ منيءَ جي جاءِ آهي. انهن ڏهن ئي شين کي کائڻ، ڪتابن مڪروہ تنزيهي لکيو آهي.

انهيءَ لاءِ بنا ڪنهن ضرورت جي اهي شيون هرگز کائڻ نہ گهرجن. انهن ڏهن شين کان سواءِ ٻيا سيئي عضوا حلال جانور جا کائڻ جائز آهن، جيئن گوشت، پيچ، منڊي، پاوا، دل، بڪي، جيرا، ڦڦڙ، آنڊا، ڪل، تري يا تلي، ٻُڪي، گردا، ٻئي ڪن، رڳون، چرٻي يا نرم نرم سنگ ۽ نرم هڏا وغيره. اهي سڀ حلال ۽ جائز آهن.

پکين جا کنڀ ۽ هڏا کائڻ چڱا نہ آهن. جانورن جي اوجهريءَ ۾ اختلاف آهي، ڪن جائز چئي آهي ۽ ڪن مڪروہ چئي آهي. ڳهڻ يا رحم جانور جي اگر ڪيس کهڻ وقت ساڻس گڏ آهي تہ پوءِ ان جو کائڻ حلال آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪري ڳيهڻ کهڻ کان اڳ ڪپي ويئي آهي تہ پوءِ ڳيهڻ جو کائڻ جائز ناهي. جن جاندارن جو گوشت جائز ناهي تہ انهن جو کير يا آنا کائڻ بہ حرام آهي.

## اهي حيوان، جن جو گوشت نبي ڪريم ﷺ جن پاڻ تناول فرمايو آهي

(1) اُٺ يا ڏاچي، (2) ٻڪري، (3) ڍڳئون، (4) سهو، (5) ڪڪڙ، (6) تغدري (هي پکين جو هڪ قسم آهي)، (7) گورخر، (8) مڇين جو گوشت.

ڪن ڪتابن لکيو آهي ته مٺي محبوب ﷺ، جن سرخاب پکيءَ جو گوشت به تناول فرمايو آهي. مڪڙن بابت به اهڙي روايت ثابت ٿئي ٿي ته نبي ڪريم ﷺ، جن مڪڙ تناول فرمايا آهن. سرخاب هڪ پاڻيءَ جو پکي ڪاري رنگ تي آڙيءَ جيڏو اڏامڻ ۾ نهايت تيز ٿيندو آهي، هن کي چڪريو به ڪري ڪوٺيندا آهن.

*





باب ٻيو

# شڪار جي باري ۾

شڪار مسلمان مومن لاءِ شرعاً بلڪل روا ۽ جائز آهي. قرآن پاڪ فرمائي ٿو ته:

**واِذا حللتم فاصطادوا**

اهڙيءَ طرح نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن شڪار ڪرڻ جي اجازت مرحمت فرمائي آهي. جيتوڻيڪ پاڻ ڪريم ﷺ جن زندگيءَ يعني هن دنيا جي حيات ۾ ڪڏهن به شڪار نه ڪيو آهي، پر پاڻ جڏهن اجازت عطا فرمائي اٿن، تڏهن شڪار چئني مسلڪن ۾ مباح ۽ جائز آهي. بشرطيڪ پنهنجي پيٽ قوت يا ٻئي ڪنهن به فائدي لاءِ شڪار جائز آهي، مگر رونشي يا تماشي يا راند لاءِ شڪار ڪرڻ مڪروه آهي، پر اهڙا جانور، جن جو گوشت کائڻ حرام آهي- مثال طور: بگهڙ يا سوئر، شينهن، يولڙو، ڪتو وغيره ته انهن جو شڪار ڪرڻ مڪروه ناهي، ڇاڪاڻ جو انهن کي کائڻ کان سواءِ انهن مان ٻيا نفعا به وٺي سگهجن ٿا. جيئن سندن کل يا چربي استعمال ۾ آندي ويندي آهي. تنهن کان سواءِ هڪ قسم جو شر به دفع ٿئي ٿو. شڪار جا ٻه قسم آهن: هڪ شڪاري جانورن سان، ٻيو تيز تکن هٿيارن سان. هتي هر قسم جي شڪار جو جدا جدا بيان ڪيو ويندو. مگر سڀ کان اول شڪار جا شرط معلوم ڪرڻ ضروري آهن. اُهي هي آهن:

## شڪار جو پهريون شرط

جنهن جانور سان شڪار ڪجي، ان جو ڦاڙيندڙ جانورن مان هئڻ ضروري آهي. پوءِ اهو جانور پکين مان هجي يا جانورن مان. جيڪي چوپايا

آهن. تن مان جيئن ڪتو پاليل بگهڙ، چيتو شينهن يا پکين مان باز، باشو شڪرو ۽ لغڙ وغيره. اهڙن جانورن سان شڪار ڪرڻ جائز آهي. جيڪڏهن بسم الله چئي ڪنهن شخص مٿين جانورن مان ڪوبہ جانور شڪار لاءِ ڇڏيو اهو ڊوڙي وڃي شڪار کي پهتو ۽ شڪار کي اهڙو سخت زخم يا گهاءُ ڪيائين، جو ماڻهو جيستائين ڊوڙي وڃي پهتو تہ ان کان اڳ شڪار ڪيل جانور مري ويو تہ اهڙو شڪار کائڻ حلال آهي، ڇو جو مالڪ بسم الله چئي جانور کي شڪار تي روانو ڪيو هو پر شڪار ڪندڙ جانور شڪاري تہ آهي، پر ڦاڙيندڙ ناهي، اهڙي جانور کي بسم الله چئي شڪاريءَ شڪار تي ڇڏي ڪئي، جيئن شڪاري اُٺ. شڪاري ڍڳو، شڪاري پاليل ڪبوتر وغيره. پوءِ انهيءَ جانور وڃي پاڻ کي شڪار مٿان ڦٽو ڪيو، جنهن جي سبب شڪار چيچجي مري ويو تہ اهو جانور حرام آهي، پر جيڪڏهن اهڙي جانور کي شڪار ڊوڙي وڃي پهتو ۽ شڪار کي زنده حالت ۾ ڏنائين، پوءِ باقاعده بسم الله چئي ان کي ذبح ڪيائين تہ اهڙو جانور حلال ۽ جائز آهي.

## شڪار جو ٻيو شرط

جنهن جانور سان شڪار ڪيو وڃي تہ ان کي اڳ ۾ شڪار لاءِ پالڻ ۽ ترتيب ڏيڻ ضروري آهي. انهيءَ شڪاري جانور جي تربيت اهڙيءَ طرح ڪئي وڃي، جيئن چوپايو شڪاري جانور شڪار کي جهلي مالڪ جي اڳيان آڻي حاضر ڪري ۽ ان شڪار مان پاڻ ذرو بہ نہ کائي. اهڙيءَ طرح اگر ٽي ڀيرا مسلسل شڪار پنهنجي ڌڻيءَ جي اڳيان آڻي حاضر ڪري ٿو تہ اهڙو جانور پاليل شڪاري جانور ليکيو ويندو. اهڙي جانور سان شڪار ڪرڻ شرعاً جائز آهي، پر جيڪڏهن بہ ڀيرا شڪار آڻي حاضر ڪيائين ۽ ٽيون ڀيرو کڻي نہ آيو ۽ اُن شڪار مان ڪجهہ کاڌائين تہ اهڙي جانور جو اڳيون بہ ڀيرا ڪيل شڪار بہ کائڻ جائز ناهي. اهڙي جانور جي اڃا تربيت مڪمل ناهي. ان جي تربيت ايستائين ڪرڻ گهرجي، جيئن مڪمل ٽي ڀيرا شڪار مالڪ وٽ کڻي اچي پهچائي. شڪاريءَ بسم الله چئي جانور کي شڪار لاءِ موڪليو ۽ اهو شڪاري جانور شڪار کي اهڙيءَ حالت ۾ مالڪ وٽ کڻي آيو جو نہ تہ ان مان ڪجهہ کاڌو اٿس ۽ نہ وري جانور مئو آهي،





بلڪ جيئرو جانور مالڪ وٽ کڻي پهتو ۽ مالڪ يعني شڪاري اهڙي جانور کي حلال يعني ذبح ڪيو تہ اهڙو جانور حلال آهي. مگر ٻيءَ صورت ۾ يعني شڪاريءَ بسم الله چئي شڪاري جانور کي شڪار تي ڇڏيو هن شڪار ڪيو ۽ اهو شڪار ڪيل جانور مري ويو. شڪاري جانور ان کي صحيح سالم کڻي مالڪ وٽ آيو. اهڙيءَ طرح ٽي ڀيرا اگر جانور شڪار ڪري پنهنجي مالڪ وٽ صحيح سالم حالت ۾ آڻي ٿو تہ پوءِ اهو انڻ ڪنل شڪار بہ ان ڪري جائز آهي، جو شڪاريءَ بسم الله چئي شڪاري جانور ڇڏيو هو. مگر اهو شڪاري جانور اهڙو شڪار بہ ڀيرا کڻي آيو ۽ ٽيون ڀيرو نہ آندائين تہ اڳيون ڪيل شڪار بہ حرام آهي. اهڙيءَ طرح چوٿين ڀيري بہ اهو شڪاري جانور شڪار کي جهلي مالڪ وٽ کڻي آيو ۽ اهو اڃا زنده آهي تہ ان کي ڪُهي پوءِ کائڻ جائز ۽ حلال آهي. اگر شڪاري جانور هميشہ شڪار کي جهلي بنا ڪجهہ کائڻ جي ثابت شڪار شڪاريءَ جي اڳيان آڻي حاضر ڪندو رهيو آهي، مگر هڪ ڀيرو ان مان ڪجهہ کاڌائين تہ اهو شڪار حرام آهي، کائڻ ناجائز آهي. اهو بہ ان حالت ۾ جو شڪاريءَ جي پهچڻ کان اڳ انهيءَ جانور شڪار مان ڪجهہ کاڌو هجي. جيڪڏهن شڪاري ڪتو شڪار جهلي مالڪ وٽ کڻي آيو ۽ مالڪ جي اڳيان رکڻ کان پوءِ ان مان ڪجهہ کاڌائين يا مالڪ ان شڪار مان ڪجهہ وڍي ڪتي کي ڏنو تہ اهڙو جانور حلال ۽ جائز آهي، ڇو جو اها ڪارروائي سڀ مالڪ جي روبرو ٿي آهي، پرپٺ نہ ٿي آهي. مگر جيڪڏهن مالڪ کان پري شڪاري جانور شڪار مان ڪٿان بہ ڪو ذرو کاڌو يا ڪل مان ٽڪرو ڇني ورتائين يا ان جو هڏو ڪرٽيائين يا پکيءَ جي کنيڙاٽي ڪڍي ورتائين يا پکيءَ جي ڇهنب چٻاڙي ڇڏيائين يا سندس پير چٻاڙي ويو تہ اهڙي جاهل جانور جو شڪار کائڻ هرگز جائز ۽ روا نہ آهي، جيستائين ان کي وري تربيت ڏئي انهيءَ قابل ڪجي، جيئن شڪار هميشہ مالڪ وٽ کڻي اچي يا شڪار کي اتي ئي بنا نقصان پهچائي قابو ۾ رکي، جيستائين مالڪ پهچي وڃي. اهي مٿيون سيئي ڳالهيون مري ويل جانور جي لاءِ آهن. يعني بسم الله چئي جانور شڪار لاءِ هلايو ويو هو جنهن شڪار کي جهليو ۽ شڪار مري ويو. ان مان کاڌائين تہ اهڙو شڪار حرام آهي. مگر شڪار اڃا انهن سيني

حالتن ۾ جيئرو آهي ۽ شڪاري پهچي ويو ۽ يڪدم شڪار کي ڪُهي حلال ڪيائين تہ اهو شڪار حلال ۽ جائز آهي. جيتوڻيڪ ان شڪار مان ڪجهہ ڪُتي يا ٻئي شڪاري جانور کاڌو بہ هجي، چيتي يا ٻئي ڪنهن چوپائي شڪاري جانور جا احڪام بہ ڪتي وارا ساڳيا آهن.

**شڪاري پکين جي سکڻ جي نشاني**

جيئن تہ باز، لغڙ، شڪرو، باشو، جرد باز وغيره. شڪاري پکين جي سکڻ جي نشاني اها آهي، جو جڏهن بہ شڪاري شڪار تي موڪلي، وري انهن کي سڏي تہ اهو يڪدم مالڪ وٽ هليو اچي تہ پوءِ بيشڪ ان جو شڪار جائز ۽ حلال آهي، پوءِ جيڪڏهن اهڙي باز يا ٻئي شڪاري پکيءَ شڪار مان ڪجهہ واٽ ۾ کائي بہ ورتو، تہ بہ اهو شڪار حلال آهي، بشرطيڪ پکيءَ کي بسم الله چئي پوءِ شڪار تي روانو ڪيو ويو هجي، پر جيڪڏهن باز، باز واري شڪاريءَ جي هٿان ڀڄي ويو ۽ شڪاريءَ جي سڏ تي موٽي نٿو اچي تہ اهڙي باز جو شڪار حرام آهي. تيستائين هر گز نہ کائبو، جيستائين وري بہ ان کي تربيت ڏيئي اهڙو ڪجي، جو ٽي ڀيرا مالڪ جي سڏ تي موٽي حاضر ٿئي.

## شڪار جو ٽيون شرط

جن هٿيارن سان شڪار ڪيو وڃي، انهن جو تيز هجڻ ضروري آهي، پوءِ اهي هٿيار لوهہ جا هجن يا رُڪ جا يا ڪاٺ مان گهڙي تيار ڪيا ويا هجن. جيڪڏهن شڪار وارا اوزار تيز نہ آهن تہ پوءِ شڪار بہ ناجائز آهي.

## شڪار جو چوٿون شرط

جن هٿيارن سان شڪار ڪيو وڃي، سي اهڙا تہ تيز هجن، جو لڳڻ سان شڪار کي اهڙو زخم ڪن، جنهن مان رت وهي نڪري، پوءِ اهو زخم ڪٿي بدن جي ڪهڙي بہ حصي ۾ ٿئي. اهڙن تيز هٿيارن جو هجڻ ضروري آهي، مگر رت وهڻ شرط ناهي، فقط هٿيار جو تمام تکو هجڻ ضروري آهي. هٿيار جو تيز هجڻ ئي شڪار حلال ٿيڻ لاءِ ڪافي آهي. جيتوڻيڪ شڪار مان رت بہ نڪتو هجي يا نہ نڪتو هجي، ڇاڪاڻ جو شڪار مان رت جو





ڪيڻ شڪاريءَ جي وس جي ڳالهہ ناهي. شڪاري فقط بسم الله چئي اهڙو هٿيار استعمال ڪندو. عالمن جي ان تي فتويٰ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص اول بسم الله چئي پوءِ شڪار کي ڪاتي، ڀالو يا تير يا ڪو ٻيو تيز هٿيار هنيو، شڪار کي اهڙو تکو هٿيار لڳو ۽ شڪار مري پيو تہ اهڙو مئل شڪار حلال ۽ جائز آهي، پر جيڪڏهن شڪاريءَ شڪار کي ڀُنيرو هٿيار يعني ڪاتيءَ جو پويون حصو يا تير واري ڪمان ڪٺي لٺ يا ڏڪي وانگر هنئي، يا لٺ ۽ ڏڪو شڪار اڏامندڙ کي اُڇلي هنيائين يا گُليل جو گولو ڪيس هنيائين يا بندوق يا پٿر ۽ پتر هٽي جانور کي ڏڪ هنيائين ۽ ڏڪ لڳڻ سان اهو شڪار مري ويو، پوءِ ڪٺي بسم الله چئي هنيو هجيس تہ بہ اهو جانور حرام ٿي ويو، حلال نہ آهي. ها اگر اهو جانور ڏڪ کائڻ کان پوءِ زنده آهي تہ ان کي باقاعدي حلال ڪيو وڃي، اهو جائز ۽ حلال آهي. مٿيون بيان انهيءَ لاءِ ڪيو ويو آهي، جو مٿيون شيون، جيڪي مڏيون استعمال ٿين ٿيون تہ انهن سان مري ويل جانور حرام آهي، پوءِ ڪٺي بسم الله چئي ڏڪ هنيو ويو هجي، پر جيڪڏهن گز جي هڪ طرف واري تکي ڇهنب تير وانگر وڃي شڪار کي لڳي، جنهن جي لڳڻ سان شڪار مري ويو تہ اهو شڪار حلال آهي، بشرطيڪ بسم الله چئي پوءِ اهو گز ڪمان وارو تيز پاسو جانور کي هنيو ويو هجي. ساڳيءَ طرح پٿر جو منهن تيز تکو ڪري بسم الله چئي جانور کي هنيائين، جانور مري پيو تہ اهو جانور پٿر جي تيزيءَ ۽ بسم الله جي سبب حلال ۽ جائز آهي، پر جيڪڏهن انهيءَ پٿر ۾ ڪجهہ کُهرائي يا مڏائي رهيل آهي تہ اهڙي کُهري يا مڏي پٿر سان ڪيل شڪار حرام آهي، تہ متان انهيءَ کُهرائي سبب جانور جو موت ٿيو هجي، پر جيڪڏهن ڪنهن شخص اڏامندڙ پکيءَ کي تير يا بندوق يا گُليل جو گولو هنيو. ڏڪ لڳڻ سان پکيءَ جي ڳچي لهي وئي، مگر اها سسي هٿيار جي تيزيءَ سبب نہ لٿي آهي، صرف ڏڪ جي زور ڪري لهي وئي آهي تہ اهڙو شڪار حرام آهي، حلال ناهي، پر جيڪڏهن سسي لهڻ کان پوءِ بہ جانور جو يا پکيءَ جو ڌڙ ڦٿڪي پيو، پوءِ ان کي ڪُنو ويو تہ اهو ڪُنل بہ حلال نہ چئبو پر جيڪڏهن اهو ڏڪ سِسيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ بدن جي حصي تي لڳو آهي، اڃا جانور ۾ ڪجهہ حياتي آهي تہ اهڙي جانور کي حلال يا ذبح ڪري کهڻ سان اهو جانور

حلال آهي ۽ جن پکين يا چوپاين سان شڪار ڪيو وڃي، تن جو اهڙو هئڻ ضروري آهي، جو شڪار کي پهچڻ سان سخت گهاءُ ضرور ڪن. پوءِ اهو زخم چاهي ڏندن سان ڪن يا چنبن سان يا چهنب سان ڪن، پر اگر ڪنهن شڪاريءَ ڪتو يا باز بسم الله چئي شڪار تي ڇڏيو جنهن شڪار کي پهچڻ سان شڪار کي سخت گهاءُ ته نه ڪيو بلڪ شڪار کي ڪٽي گُهتيائين يا ٻوساٽيائين يا زور سان ڪو عضوو ڀڃي وڌائين يا مٿي ڪٽي، وري ڪٽي زمين تي سٽيائين يا زور سان ڪٽي زمين تي هنيائين يا شڪار کي جهلي مٿس چڙهي ويٺو انهن سڀني صورتن ۾ جيڪڏهن شڪار مري ويو ته اهو حرام آهي، پر جي اجا جيئرو آهي ۽ شڪاري پهچي ڪيس قاعدي مطابق ڪهي وڌو ته پوءِ حلال آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن شڪار کي بسم الله چئي تير هنيو اهو تير تکو به آهي، مگر اهو تير شڪار کي سنڱ يا کُر ۾ يا ٻئي ڪنهن هڏي ۾ وڃي لڳو، مگر اُچاترو لڳو ته اهڙي زخم سان جانور جيڪڏهن مري ويو ته حرام آهي، ڇو جو انهيءَ تير شڪار کي زخم يا گهاءُ نه ڪيو آهي، مگر جيڪڏهن انهن جاين تي تير لڳو جانور ڪري پيو ۽ حيات آهي ته ان کي ڪهڻ سان اهو حلال آهي.

## شڪار جو پنجون شرط

اگر شڪاريءَ پنهنجي باز يا ڪتي کي بسم الله چئي پوءِ شڪار تي ٻڇ ڪئي يا بسم الله چئي شڪار کي تير هٽي شڪار ڪيائين ته اهو شڪار درست آهي، مگر جيڪڏهن باز يا شڪاري ڪتو شڪار کي ڏسي زور ڪري پاڻهي پنهنجيءَ مرضيءَ سان شڪاريءَ جي هٿن مان زوريءَ ڀڄي ويا ۽ وڃي شڪار کي رسيا ۽ شڪار کي ماري وڌائون ته اهو شڪار مطلق حرام آهي. مگر اهڙو شڪار ڪيل جانور اجا جيئرو آهي ۽ شڪاري وڃي ان کي ذبح ڪري ٿو ته اهو حلال آهي. اگر ڪتو شڪاريءَ کان ڇڏائي ويو ۽ شڪار جي پويان پڄڻ لڳو ان وقت شڪاريءَ بسم الله چئي ڇڏي ۽ ڪتي کي شڪار پويان ٻڇ يا هُشڪار ڪيائين، سندس هُشڪار سان ڪتو اجا وڌيڪ تيز ٿي ويو ۽ ڀڄي وڃي شڪار کي ڏک هنيائين، جنهن سان شڪار مري ويو ته اهو حلال آهي، مگر اهڙي پڄنديڙ ڪتي کي شڪاريءَ هُشڪار





ڪئي ۽ بسم الله به چيائين، مگر سندس هُشڪار تي ڪتو تيز نه ٿيو بلڪ جهڙي چال ڊوڙي رهيو هو اهڙيءَ چال ۾ رهيو ۽ شڪار کي وڃي ڏک هنيائين، شڪار مري پيو ته اهو شڪار حرام آهي، پر اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن شڪار شڪاريءَ جي پهچڻ تائين جيئرو آهي ۽ شڪاري وڃي کيس حلال ٿو ڪري ته اهو حلال ۽ جائز آهي، پر جيڪڏهن ڪتو يا باز ٻئي سيکاريل آهن، هاڻي ٻئي شڪار جي پويان لڳي ويا، انهن مان ڪنهن هڪڙي شڪار کي ماري وڌو، مگر اها خبر ناهي ته ڪنهن ماريو آهي ۽ شڪاري جانور کي شڪاريءَ ڇڏيو آهي، يا پاڻ شڪار پويان آيو آهي ته اهڙيءَ شڪي حالت ۾ اهو جانور جي مري ويو آهي ته حرام آهي، جي جيئرو آهي ۽ ڊوڙي وڃي حلال ڪيو ويو ته حلال آهي. مگر جيڪڏهن شڪاري بسم الله چئي ڪوبه هٿيار تير وغيره شڪار کي نٿو هڻي، مگر شڪار جي وات ۾ تير تلوار يا ڀالو وغيره بسم الله چئي اهڙيءَ طرح ڪوڙي ٿو ڇڏي، جو شڪار اتان لنگهڻ مهل ان هٿيار سان ٽڪرائجي ڪپجي مري ويو ته اهڙو شڪار حرام آهي حلال ناهي.

ڪتاب "عيني" ۽ "تبيين الحقائق" ۾ ان طرح ڄاڻايل آهي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن شڪاريءَ تير، ڀالو يا تلوار مٿي ٽنگي ڇڏيا آهن، اوچتو سخت هوا يا واچوڙي سبب اهو هٿيار هيٺ ڪري ٿو ۽ هيٺان اتفاق سان ڪو شڪار جو جانور بيٺل آهي، ان کي اهو هٿيار اچي لڳي ٿو ۽ هو مري ويو ته اهڙو شڪار ٿيل جانور حرام آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن جو تير يا تلوار زمين تي رکيل آهن ۽ ٻئي شڪاريءَ پنهنجو تير ڪمان ۾ وجهي هنيو اهو تير انهن زمين تي رکيل هٿيارن مان ڪنهن کي لڳي ٽيڙ کائي وڃي ڪنهن شڪار کي اوچتو لڳو اهو شڪار مري ويو. مگر شرط هي آهي ته اهو تير بسم الله چئي هنيو ويو هو ته اهو مري ويل شڪار حلال ۽ جائز آهي. مگر تاهم انهيءَ مسئلي ۾ اختلاف آهي. (اختلاف ڏسڻ لاءِ ڏسو ڪتاب "فتاويٰ تاتار خانيه" جو صفحو 338 جلد 4) ان ڪري اهڙو جانور انهيءَ قسم جي هنيل تير جي زخم سان اگر زخمي ٿيو آهي، اجا زنده آهي ۽ ڊوڙي وڃي ان کي قاعدي موجب حلال ڪيو ويو ته حلال آهي، جي نه ته اختلاف سبب اهو مڪروه آهي، ان کي نه کائجي ته بهتر آهي. هڪ

شڪاريءَ شڪار کي بسم الله چئي گُليل هنئي يا ڪاتي اڇلي هنئي. اهو گُليل جو گولو يا اُڇلايل ڪاتي ڪنهن ٻئي اهڙي تير کي وڃي لڳي، جيڪو اڳي ئي ڪنهن پٽ مٿي رکيل آهي، اُن کي اهو گولو يا ڪاتي لڳي ۽ تير اُتان ٽيڙ کائي وڃي شڪار کي لڳو جنهن شڪار کي زخمي ڪري وڌو مگر جيستائين ماڻهو ڊوڙي وڃي پهتو تيستائين شڪار مري ويو ته انهيءَ مئل کي کائڻ ۾ به اختلاف آهي. مگر جيڪڏهن اهو زخمي جانور اڃا زنده آهي ته ان کي تڪبير وجهي کائڻ حلال ۽ جائز آهي.

هڪ شڪاريءَ هوا ۾ اڏامندڙ پکيءَ کي ڏسي بسم الله چئي تير هنيو مگر اهو پکي ته تيزيءَ سان نڪري ويو ۽ تير وڃي ڪنهن ٻئي شڪار کي لڳو. اگر اهو ٻيو نمبر شڪار وارو جانور حلال قسم مان آهي ته اهو حلال آهي. مگر جيڪڏهن انهيءَ تير جو زور ٽٽي وڃڻ کان پوءِ هوا جي آڌار تي هوا ۾ اُڏرندو وڃي ڪنهن جانور کي لڳو ۽ جانور مري ويو ته اهو شڪار حلال نه ٿيندو.

("فتاويٰ تاتار خانيه" جلد_ 4، صفحو 338)

## شڪار جو ڇهون شرط

شڪاريءَ کي گهرجي ته شڪار جي وقت بسم الله ضرور چوي، ڄاڻي واڻي الله تعاليٰ جو نالو ڇڏڻ نه گهرجي، پر جيڪڏهن شڪار جي وقت شڪاريءَ کان بسم الله وسري وڃي ته ڀل ۽ ويسر معاف هجڻ سبب اهڙو شڪار حلال ۽ جائز آهي. آئندي اهڙي غلطي نه ڪري. بسم الله چوڻ جو وقت اهو آهي، جنهن وقت شڪاري ڪتي يا باز کي هٿ مان ڇڏي يا وري تير شڪار کي هڻڻ لاءِ تيار ڪري، پر جيڪڏهن تير هڻڻ يا ڪتي ۽ باز کي ڇڏڻ کان پوءِ بسم الله ٿو چوي ته اهو مري ويل شڪار حرام آهي، اهو انهيءَ حالت ۾ جو ڄاڻي ٻجهي بسم الله نه چئي هوندائين ته حرام آهي ۽ جي ڀُل کان ائين ٿيو آهي ته اهو شڪار حلال آهي، پر جيڪڏهن ڪتو يا باز شڪار تي ڇڏڻ وقت ڄاڻي واڻي يا ويسر سبب بسم الله نه چيائين، پر ڪتو يا باز اڃا شڪار کي نه پهتو آهي ۽ شڪاريءَ کي بسم الله ياد اچي وئي ۽ هن يڪدم ڪتي يا باز جي پويان بسم الله چئي ڇڏي، ان کان





پوءِ ڪُتي يا باز وڃي شڪار کي جهليو ته اهو شڪار به حرام آهي، پر جيڪڏهن تير هڻڻ وقت شڪاريءَ کي بسم الله وسري وئي ۽ تير شڪار کي لڳڻ کان اڳ هن کي بسم الله ياد آئي ۽ هن يڪدم بسم الله چئي ورتي، ان کان پوءِ تير وڃي شڪار کي لڳو ته اهو شڪار حلال آهي. انهن ٻنهي مسئلن ۾ فرق فقط اهو آهي، جو تير جيڪو هٿ مان نڪري ٿو اهو ڪنهن حالت ۾ به واپس نٿو اچي سگهي، مگر پاليل باز ۽ ڪتي کي مالڪ آواز ڏئي موٽائي سگهي ٿو. هيءُ مسئلو ڪتاب "فتاويٰ تاتار خانيه" مان ورتل آهي. شڪاريءَ تي لازم آهي ته شڪار تي تير هلائڻ يا ڪتو ۽ باز وغيره ڇڏڻ وقت پاڻ خود بسم الله چئي پوءِ تير هلائي يا جانور کي شڪار تي ڇڇ ڪري. اگر ان جي جاءِ تي ٻيو ڪو شخص بسم الله چوي ٿو ته اها بلڪل ڪارگر ناهي. هيءَ ڳالهه خاص ڌيان ۾ رکجي ته جنهن تير تي بسم الله چئجي، انهيءَ کي شڪار تي استعمال ڪرڻ گهرجي. جيئن ته هڪ تير تي بسم الله چيائين، مگر ڪنهن سبب ڪري ان کي وري تيرن جي ڳوٿريءَ ۾ رکي، ٻيو تير ڪڍي ساڳيءَ بسم الله جي آڌار تي شڪار کي هنيائين. هن تير تي بسم الله نه چيائين ته انهيءَ تير لڳڻ سبب جيڪو جانور مري ويو اهو حرام آهي، حلال نه آهي. ها اگر اڃا اهڙو جانور جيئرو آهي ته ڊوڙي ان کي ذبح ڪرڻ سان حلال ۽ جائز آهي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن باز يا ڪتو بسم الله چئي شڪار پويان ڇڏيائين، مگر اڌ رستي مان ان کي آواز ڏيئي واپس موٽائي ورتائين ۽ ان جي جاءِ تي ٻيو ڪتو يا باز بنا بسم الله چوڻ جي شڪار پويان ڇڏي ڏنائين، حالانڪ بسم الله ڄاڻي ٻجهي ڇڏي اٿس ته اهو شڪار حرام آهي، پر جي اهڙو شڪار اڃا جيئرو آهي ته ڊوڙي وڃي حلال ڪرڻ سان حلال ۽ جائز ٿيندو.

## شڪار جو ستون شرط

شڪاريءَ جو اهڙي فرقي مان هجڻ لازمي آهي، جنهن جو فرقو شريعت محمدي صلي الله عليه وسلم موجب ذبح ڪرڻ يا کائڻ جي لائق هجي، جيئن اهلِ ڪتاب. مگر مشرڪ، ڪافر يا مجوسيءَ جو ڪيل شڪار ناجائز آهي، پر جيڪڏهن ڪو ڪتو يا باز مجوسيءَ يا ڪافر جو پاليل ۽

سيڪاريل آهي. پر ان جانور سان مسلمان شڪار ٿو ڪري ته اهو حلال ۽ جائز آهي.

شڪاريءَ کي اها خبر هئڻ ضروري آهي ته شڪار کي جانور ڇڏڻ جي وقت پهريائين بسم الله چئي پوءِ ڇڏي، اڳ ۾ بسم الله چوڻ ضروري آهي ۽ جڏهن به شڪاري پنهنجو جانور شڪار تي ڇڏي ته اڳ ۾ بسم الله چوي. جي شڪاري اهڙو ناهي ته پوءِ ان جو شڪار به حرام آهي. ساڳيءَ طرح احرام ٻڌل شخص جو شڪار به حرام آهي. قرآن پاڪ احرام واري شخص کي شڪار جي منع فرمائي آهي.

## شڪار جو اٺون شرط

جنهن ڪتي يا باز کي شڪاري بسم الله چئي شڪار تي ڇڏي ته اهو شڪاري جانور شڪار کي وٺڻ کان سواءِ رستي ۾ ڪو ٻيو ڪم ڪرڻ شروع نه ڪري، جيئن پيشاب ڪرڻ ويهي رهيو يا ڪاڪوس ڪرڻ لاءِ ويهي يا ماني کائڻ لڳي ويو يا ٿڌي ڇانوَ ڏسي اتي ويهي رهيو، آرام ڪري ٿڪ پچي پوءِ شڪار ڏي ويو. انهن ڪمن مان ڪوبه ڪم ڪرڻ کان پوءِ ڪتي وڃي شڪار ماريو ته اهڙو شڪار حرام آهي، حلال ناهي. ها اگر جانور اڃا جيئرو آهي ته وڃي حلال ڪري ته پوءِ اهڙو جانور حلال آهي. مگر ڪتابن چيتي شينهن جي هڪ عادت لکي آهي، جا جائز آهي. اها هيءَ آهي ته چيتو پنهنجي شڪار کي ڏسي واٽ تي لڪي چپ ڪري ويهي رهندو آهي، جڏهن شڪار اتان اچي لنگهندو آهي ته اوچتو ڪيس ڪٽي وٺندو آهي. اها دير عالمن معاف فرمائي آهي، اها عادت فقط چيتي ۾ هوندي آهي، پر جيڪڏهن اها ساڳي عادت ڪنهن ڪتي ۾ به پئجي وئي آهي ته جيئن شڪار کي ڏسي واٽ ۾ لڪي ويهي رهي ٿو ۽ شڪار لنگهڻ تي شڪار کي يڪدم حملو ڪري جهلي ٿو وٺي ته اها دير شرع ۾ معاف آهي.

"هدايه" ۽ "تبيين" ڪتابن ۾ انهيءَ طرح لکيل آهي. انهن سيني ڳالهين ۾ باز جو حڪم به ساڳيءَ طرح آهي. هڪ شڪاريءَ شڪار کي ڏسي بسم الله چئي پنهنجو شڪاري جانور ڇڏيو. اهو جانور شڪار پويان لڳو مگر شڪار کي پهچي نه سگهيو ۽ اهو شڪار ڪتي کان پچي ويو مگر





تاهم ڪتو جهنگ ۾ انهيءَ طرح شڪار جي ڳولا ۾ ڀڄندو رهيو اوچتو هن کي ٻيو شڪار هٿ لڳي ويو جنهن کي ماري وڌائين ته اهو شڪار حلال ۽ جائز آهي، مگر انهيءَ شرط سان ته پهرئين شڪار جي پڇي وڃڻ کان پوءِ به ڪتو انهيءَ ئي رفتار سان ڀڄندو رهيو هجي، پر جيڪڏهن انهيءَ شڪار جي گم ٿيڻ بعد مايوس ٿي شڪاري ڏانهن موٽي آيو ٿي، اوچتو ڪو ٻيو شڪار هٿ لڳي ويس، جنهن کي سخت گهاءِ ڪري ماري وڌائين ته اهو شڪار حرام آهي، جيتوڻيڪ ساڳيءَ تيز رفتاريءَ سان موٽي رهيو هو پر جيڪڏهن شڪاريءَ بسم الله چئي ڪتو شڪار تي ڇڏيو، ڪتي تيز ڀڄندي وڃي شڪار کي ڏک هنيو اهو شڪار مارڻ شرط يڪدم ڪيس ٻيو شڪار نظر آيو بنا دير جي ڊوڙي وڃي انهيءَ شڪار کي به ڦٽو ۽ ان کي به ماري وڌائين ته ٻئي شڪار حلال ۽ جائز آهن. "فتاويٰ قاضي خان" ۾ ان طرح لکيل آهي، پر جيڪڏهن پهرئين شڪار کي ماري ان تي چڙهي ويٺو ۽ گهڻي وقت گذرڻ کان پوءِ ٻيو شڪار اتان اچي لنگهيو پوءِ ڊوڙي وڃي ان کي به ماريائين ته پويون شڪار حرام آهي. باز جي لاءِ به ڪتي وارا ساڳيا حڪم آهن. جيڪڏهن ڪنهن شڪاريءَ بسم الله چئي پنهنجو باز شڪار لاءِ ڇڏيو يا ڪتي کي بسم الله چئي شڪار جي طرف روانو ڪيائين، پوءِ اهي شڪار واري جانور وارو طرف ڇڏي ساڄي يا کاٻي ڏي نڪري ويا، پوءِ اوچتو خيال اچڻ تي وڃي شڪار کي هٿ ڪري ماريائون ته شڪار به حرام آهي، حلال ناهي، پر اڃا جانور جيئرو آهي ۽ شڪاريءَ اچي ڪيس ذبح ڪيو ته اهو حلال ۽ جائز آهي. جيڪڏهن شڪاريءَ بسم الله چئي شڪار کي تير هنيو جو ڪنهن پٽ يا وڻ کي لڳي ٿيڙ ڪائي موٽيو ۽ پوءِ اچي شڪار کي اوچتو لڳي ويو ۽ اهو شڪار مري ويو ته اهو شڪار حرام آهي، حلال ناهي، پر جي اهو تير انهيءَ وڻ يا پٽ مان پار نڪري ويو ۽ ٻئي طرف وڃي منهن پير ڪنهن شڪار کي لڳو ۽ شڪار مري ويو ته اهڙو شڪار حلال آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن شڪاريءَ بسم الله چئي شڪار کي تير هنيو جو ان شڪار مان آرپار نڪري وڃي ٻئي شڪار کي لڳو ته ٻئي شڪار حلال ۽ جائز آهن، پر جيڪڏهن شڪاريءَ بسم الله چئي تير هنيو مگر سخت هوا ۽ طوفان سبب اهو تير پوئتي موٽي ڪنهن ٻئي شڪار کي وڃي لڳو شڪار

مري ويو ته اهو شڪار حرام آهي، پر جيڪڏهن تيز هوا جي سبب تير پوئتي موٽڻ جي بجاءِ ساڄي يا کاٻي طرف مڙي ويو ۽ انهيءَ مڙڻ وقت تير ڪنهن شڪار کي لڳي ويو، شڪار مري پيو ته انهيءَ مسئلي ۾ عالمن جو سخت اختلاف آهي. ڪي ڪتاب اهڙي شڪار کي جائز لکن ٿا ۽ ڪي هن کي ناجائز.

”فتاويٰ تاتار خانيه“ ۾ مطلق منع لکيل آهي، مگر امام ابو يوسف رح اهڙي شڪار جي حلال هجڻ بابت هڪ روايت به بيان ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته اهڙيءَ سخت هوا کان هرگز پاسو نٿو ڪري سگهجي، ان ڪري الله پاڪ پنهنجن بندن سان دين ۾ اها سهوليت عطا فرمائي آهي ۽ اهڙو شڪار جائز ۽ حلال آهي.

## شڪار جو نائون شرط

شڪار لاءِ پاليل جانور سان ٻيو ڪو اهڙو جانور شريڪ نه ٿئي، جنهن جو شڪار شريعت ۾ ناجائز هجي. جيڪڏهن هڪ شڪار کي ٻن ڪتن ماري وڌو، پر انهن ٻنهي ڪتن مان هڪ ڪتو ڪنهن مجوسيءَ يا ڪافر جو موڪليل آهي يا انهن ٻن ڪتن مان هڪ ڪتو سيکاريل ۽ شڪار لاءِ پاليل ناهي يا شڪار تي موڪلڻ وقت ٻن ڪتن مان هڪ تي شڪاريءَ بسم الله نه چئي آهي يا وري هڪ ڪتو پاڻهي شڪار لاءِ ٻئي ڪتي سان ويل آهي، ته انهن سڀني صورتن ۾ ٻنهي ڪتن جو ڪيل شڪار حرام آهي. اگر جيئرو هجي ته ذبح ڪري حلال ڪيو وڃي، نه ته حرام آهي، پر جيڪڏهن شڪار کي ان ڪتي ماريو آهي، جنهن جو شڪار شريعت ۾ حلال آهي ۽ ٻئي ڪتي شڪار ۾ ڪيس ڪا به مدد نه ڪئي آهي، پر فقط شڪار جيڪو ڀڄندو ٿي ويو، سو ورائي شڪاري ڪتي حوالي ڪيو اٿس ته اهڙو شڪار مڪروه آهي. ڪن اهو شڪار ڪراهت تنزيهي ڪري لکيو آهي.

”مفتيٰ“ ۾ ڪراهت تحريمي وارو حڪم آهي. ”هدايه“ ۽ ”محيط“ ۾ به ان طرح ذڪر ڪيل آهي، پر جيڪڏهن اهڙي ڪتي کي شڪار جو ڪو خيال ئي ڪونه هو پر شڪاري ڪتي تي ڪاهه يا حملو ڪري وڃي ڪيس پهتو آهي، مگر شڪاري ڪتي پنهنجي همت ڪري شڪار کي وڃي



ذبح ۽ شڪار

ماريو آهي ته اهو شڪار جائز آهي. انهن سڀني مسئلن ۾ باز ۽ ڪتي جو هڪ ئي حڪم آهي. اهڙيءَ طرح جيڪو شڪار تير سان ٿيل هجي، تنهن جو حڪم هن طرح آهي ته جيڪڏهن شڪاريءَ بسم الله چئي تير هنيو، ٻئي ماڻهوءَ وري انهيءَ ساڳئي شڪار کي ڀهڻ يا پٽر هنيو ۽ ٻئي شيون شڪار کي وڃي لڳيون، جنهن ڪري شڪار مري پيو ته اهڙو شڪار حرام آهي، هرگز نه ڪائجي.

## شڪار جو ڏهون شرط

شڪاريءَ سان شڪار ۾ ٻيو ڪو به اهڙو ماڻهو هرگز شريڪ نه هجڻ گهرجي، جنهن جو شڪار شريعت ۾ ناجائز هجي. نه ته اهڙي ماڻهوءَ جي مدد سان ڪيل شڪار حرام ٿي ويندو. جيئن ته بسم الله چئي مسلمان شڪاريءَ شڪار کي تير هنيو يڪدم هڪ ڪافر ۽ مجوسي به ساڳئي شڪار کي تير هنيو يا وري ٻئي ڪنهن ملسمان بنا بسم الله چوڻ جي تير هنيو پويون تير وڃي ڦهرئين تير جي پويان لڳو جنهن سان ڦهرئين تير ۾ اجا وڌيڪ تيزي اچي ويئي ۽ ڦهرئين تير وڃي شڪار کي ماريو ته اهو شڪار حرام ٿي ويو. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن مسلمان شڪار کي تير هنيو ٿي، مگر ڪمان کي ڇڪي نٿو سگهي ۽ ٻئي مجوسيءَ يا ڪافر جي مدد سان ڪمان کي ڇڪائي تير هٽايائين، تنهن تير وڃي شڪار کي ماريو ته اهو شڪار حرام ٿي ويو حلال ناهي، يا وري ڪمان جو ڇڪائيندڙ مسلمان هو مگر ڄاڻي واڻي بسم الله نه چيائين، ائين ئي ڪمان ڇڪي تير هنيائين ته اهڙو شڪار به حرام آهي، پر جيڪڏهن ڪن مجوسين يا ڪافرن گڏجي هڪ شڪار کي تير هنيا، انهن جي خوف کان شڪار ڀڄندو پيو اچي يڪدم ٻئي مسلمان شڪاريءَ بسم الله چئي ان شڪار کي تير هنيو پر مجوسين ۽ ڪافرن وارا تير اجا هيٺ نه ڪريا آهن ته اُنهيءَ مسلمان واري تير وڃي شڪار کي سخت گهاءُ ڪري ماري وڌو ته اهڙي شڪار جو کائڻ مڪروه تحريمي آهي. اهڙي شڪار ۾ جڻ ته اهي ڪافر ۽ مجوسي به انهيءَ مسلمان سان شريڪ ٿي ويا، ان ڪري اهو شڪار کائڻ مڪروه تحريمي

آهي، پر جيڪڏهن اهڙو شڪار زخمي ٿيڻ کان پوءِ اجا جيئرو آهي ۽ ان کي ڪتو ويو تہ پوءِ اهو صريحاً حلال ۽ جائز آهي.

پر جيڪڏهن انهن ڪافرن ۽ مجوسين وارا تير اڃي زمين تي ڪريا آهن. تنهن کان پوءِ مسلمان شڪاريءَ بسم الله چئي پنهنجو تير شڪار کي هنيو ۽ شڪار مري ويو تہ اهو حلال ۽ کائڻ جائز آهي. پر جيڪڏهن ڪتا يا باز مجوسين ۽ ڪافرن، شڪار ڏانهن ڇڏيا ۽ شڪار انهن کان ڀڄندو پئي آيو. اهي ڪتا ۽ باز ان جي پويان ڀڄندا پئي آيا ۽ مسلمان بہ بسم الله چئي پنهنجو ڪتو ان شڪار جي پويان ڀڄيو. جنهن وڃي ان شڪار کي ماريو تہ اهو شڪار بہ مڪروه تحريمي آهي، نہ کائجي.

پر جيڪڏهن ڪافرن ۽ مجوسين وارا ڪتا وغيره شڪار کان مايوس ٿي يا ٿڪي موٽي ويا. تنهن کان پوءِ ڪنهن مسلمان بسم الله چئي پنهنجو ڪتو ڇڏيو ۽ انهيءَ وڃي اهو شڪار ماريو تہ اهو شڪار ڪراهت کي ويجهو، مگر حلال آهي. ڪنهن مسلمان مؤمن بسم الله چئي پنهنجو پاليل ڪتو يا باز شڪار تي ڀڄيو. ڪتو ان جي پويان لڳي ڊوڙندو ويو. رستي ۾ هڪ مجوسيءَ يا ڪافر ان کي وڏي ٻچ ڪئي، ان جي ٻچ تي ڪتو وڌيڪ تيز ٿي ويو ۽ وڃي شڪار کي مارياٰئين تہ اهو شڪار حلال آهي.

پر جيڪڏهن ڪتو مجوسيءَ يا ڪافر شڪار لاءِ ڇڏيو ۽ مسلمان وچ ۾ ان کي ٻچ ڪري تيز ڪيو تہ اهو شڪار حرام آهي. ٻنهي مسئلن ۾ اعتبار اصل تي آهي، جنهن ڦيريائين جانور شڪار جي پويان ڀڄايو پر جي ڪتو پاڻهي شڪار پويان پيو آهي تہ پوءِ پڇ تي اعتبار ڪبو. اگر ڪتي جي ڀڄندي مجوسيءَ ٻچ ڪئي، ڪتو تيز ٿيو ۽ شڪار مارياٰئين تہ حرام ۽ جيڪڏهن بسم الله چئي پوءِ ڪنهن مسلمان انهيءَ ڪتي کي ٻچ ڪئي ۽ جانور کي ڪتي، تڪو ٿي وڃي ماريو تہ حلال آهي. هنن مسئلن ۾ باز لاءِ بہ ڪتي وارو ساڳيو حڪم آهي. بشرطيڪ ڪتو يا باز پاليل ۽ باقاعدي سيکاريل جانور هجي، ٻئي اڻ سيکاريل جانور جو شڪار هر حال ۾ حرام آهي.





## شڪار جو يارهون شرط

شڪاريءَ جانور کي تير هنيو مگر جانور زخم کائي گم ٿي ويو تہ شڪاري ڪوشش ڪري ان کي ڳولي لهي. شڪاريءَ جانور کي تير بسم الله چئي هنيو يا ڪتو ۽ باز اُن جانور تي ڇڏيائين، تن وڃي ان جانور کي سخت گهاءُ ڪيو مگر جانور پوءِ بہ گم ٿي ويو تہ شڪاري ماٺ ڪري ويهي نہ رهي، ان جانور کي ڪوشش ڪري ڳولي ۽ ٻئي ڪي بہ ڳولڻ لاءِ چوي، پر جي ماٺ ڪري ويهي رهيو يا سوچ ويچار ۾ لڳي ويو يا ڪو ٻيو ڪم ڪرڻ لڳو ان کان پوءِ وڃي ڏٺائين تہ اهو جانور مئو پيو آهي تہ اهو جانور حرام آهي.

مگر جيڪڏهن لاڳيتو ڳوليندي وڃي جانور مئل ڏٺائين ۽ ان ۾ سندس تير لڳل بہ ڏٺائين ۽ زخم بہ هڪ ڏٺائين تہ اهو شڪار حلال آهي، پر جي جانور ۾ ٻيو بہ ڪو زخم آهي ۽ اهو بہ معلوم نہ ٿي سگهي تہ خدا ڄاڻي اهو زخم سندس تير جو آهي يا ٻئي ڪنهن تير جو تہ اهڙيءَ شڪي حالت ۾ اهو جانور حرام آهي.ا هڙيءَ طرح ڏسي تہ جانور کي سندس ڪتي يا باز ماريو آهي ۽ هو اتي حاضر آهي، ٻيءَ ڪنهن صورت سان جانور نہ مئو آهي تہ اهو حلال آهي، ورنہ حرام آهي. اهي سيئي مسئلا انهيءَ گم ٿيل جانور جي باري ۾ آهن. جيڪو مري ويو آهي، پر جي اهو جانور جيئرو هٿ آيو تہ ان کي کهي حلال ڪري کائڻ جائز ۽ روا آهي. پلي پوءِ ان جي سخت ڳولا نہ بہ ڪئي ويئي هجي.

## شڪار جو ٻارهون شرط

جيڪو ڪتو يا باز شڪار لاءِ ڇڏجي يا جيڪو تير شڪار کي هڻجي، سو اهڙو تہ تيز هجي يعني تکيءَ رفتار سان ويندڙ هجي جنهن کي پهچي نہ سگهجي، پر جيڪڏهن ڪتو پڇڻ ۽ باز اڏامڻ ۾ تيز نہ هوندا تہ انهن جو ڪيل شڪار بہ جائز ناهي. ڪنهن ڳئون يا ٻڪريءَ کي يا ڪنهن گهريلو جانور کي بسم الله چئي تير هنيو ويو يا بسم الله چئي پاليل ڪتو يا باز گهريلو ڪڪڙ تي ڇڏيو ويو ۽ اهي جانور مري ويا تہ گهريلو جانور هجڻ سبب اهي حرام ٿي ويا. پر جي مئا نہ آهن، اجا جيئرا آهن تہ ڪين ذبح ڪيو وڃي تہ پوءِ اهي حلال ۽جائز آهن. پر جيڪڏهن جهنگلي هرڻ ماڻهن جي

هٿن ۾ پاليو ويو آهي ۽ اهو بہ گهريلو جانورن وانگر ٿي ويو آهي تہ انهيءَ جو حڪم بہ ساڳيو ڳڻيو، ٻڪريءَ واري حڪم وانگر آهي. بنا ڪهڻ جي مري ويا تہ حلال نہ ٿيندا. ساڳيءَ طرح ڪنهن شڪاريءَ جانور کي بسم الله چئي تير هنيو جنهن سان اهو منڊو ٿي پيو، جنهن کي شڪاري ڊوڙي هٿ سان جهلي ورتي ٿو تہ ان کي بہ ذبح ڪرڻ جو حڪم آهي. مگر اهڙي جانور کي، جي ٻيو تير هٽي ماري وڌو يا ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ هن کي تير هنيو جنهن سان هو مري ويو تہ اهڙو جانور کائڻ حرام آهي. جيتوڻيڪ ٻئي تير تي بسم الله بہ چيل هجي ۽ ٻئي تير بسم الله سان هنيا ويا هجن، پر جي شڪار اجا پڄڻ کان مجبور نہ ٿيو آهي، يعني تہ ماڻهو ان کي هٿ سان جهلي نٿو سگهي تہ اهڙي جانور کي بسم الله چئي، ٻيو پيرو تير هنيو ويو جنهن سان هو مري ويو تہ اهو حلال ۽ جائز آهي.

پر جيڪڏهن ڪنهن شخص جانور لاءِ ڪتو يا باز پڄايو ۽ وري ان جي پويان ٻيو ڪتو يا باز پڄايائين ۽ ٻنهي پيرن ۾ بسم الله چئي پوءِ جانور ڇڏيو ويو آهي تہ انهن جانورن جو بہ ساڳيءَ طرح حڪم آهي، جيڪو تير وارو آهي. يعني ٻئي پيري ڪتي يا باز جي ڇڏڻ کان اڳ جانور پڄڻ کان مجبور ٿي ويو آهي ۽ هٿ سان جهلڻ لائق ٿي ويو آهي تہ ان تي ٻئي پيري جانور نہ ڇڏجي، بلڪ ان کي جهلي ذبح ڪيو وڃي، پر جي ٻئي پيري جانور ڇڏيو ويو ۽ ان ڪيس ڏڪ هٽي ماري وڌو تہ اهو حرام آهي.

ساڳيءَ طرح جي ڪنهن ڪتي يا باز جانور کي وڃي سخت گهاءُ ڪيو ان زخم جي ڪري جانور پڄڻ کان عاجز ٿي پيو ۽ شڪاري ڪيس جيئري هجڻ جي حالت ۾ پهچي ويو مگر جانور کي اجا هٿ ۾ نہ ورتو هئائين ۽ مٿان شڪاري باز يا ڪتي اهڙو ڏڪ اچي جانور کي هنيو جو هو مري ويو تہ اهڙيءَ طرح پوئين زخم يا ڏڪ سبب مري ويل جانور حرام آهي، ان کي نہ کائجي، پر شڪاري اجا جانور تائين نہ پهتو آهي، مگر شڪاري جانور ان کي زبردست ڏڪ ٻئي پيري هنيو جنهن سان جانور مري ويو يا گهڻا اهڙا زخم ڪيائين جو جانور مري ويو تہ اهڙي جانور جي حلال هجڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي، اهو حلال آهي.





ڪتابن هيئن بہ لکيو آهي تہ بسم الله چئي اهڙي جانور کي تير هنيو ويو جيڪو پڄندڙ جانورن مان نہ آهي، جيئن بسم الله چئي اٺ يا ڍڳي کي تير هنيائين يا اهڙي پکيءَ کي تير هنيائين، جنهن جي پرورش گهرن ۾ ٿيل آهي يا وري اهڙو هرڻ، جيڪو اڳ ۾ ئي ڪنهن پنجوڙ ڪوڙڪيءَ يا جار ۾ ڦاٿل آهي، تنهن کي بسم الله چئي تير هنيائين، اهو تير انهيءَ حيوان کي نہ لڳو جنهن جو ارادو ڪيو هئائين بلڪ اوچتو ٻئي ڪنهن پڄندڙ جانور کي وڃي لڳو ۽ تير لڳڻ شرط بنا دير جي اهو مري ويو تہ اهو جانور حرام آهي، پر جيڪڏهن انهيءَ جانور جي مرڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ۽ پورو يقين ٿيو تہ پهريائين جنهن اٺ يا ڍڳي کي هن تير هنيو يا پکيءَ کي تير هنيو ويو هو سو گهريلو نہ، پر وحشي يعني جهنگلي ڪليو چرندڙ ڦرندڙ هو ۽ اهو تير هن کي نہ لڳو ۽ اوچتو اهو تير ڪنهن ٻئي پڄندڙ وحشي جانور کي لڳو ۽ اهو مري پيو تہ اُهو حلال آهي، پر جيڪڏهن انهيءَ تير پڄندڙ ڪنهن شڪار کي ماري وڌو مگر هن اهو تير جنهن جانور کي اصل ۾ هنيو هو انهي جي خبر پئجي نہ سگهي تہ اهو جانور ماڻهن سان گڏ پليل هو يا وحشي يعني جهنگلي هو تہ پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ ظاهري حالت کي مدنظر رکبو يعني تہ اُٺ ۽ ڍڳي کي ماڻهن سان هريل ۽ گهريلو پالتو جانورن ۾ ليکيو ويندو ۽ پکيءَ کي وحشي ليکو ويندو، ان لاءِ تہ اڪثر اٺ ۽ ڍڳا گهرن ۾ پاليا ويندا آهن ۽ پکي وحشي هوندا آهن.

ڪتاب "هدايہ" ۽ "عنايہ" ۾ انهيءَ طرح لکيل آهي. جيڪڏهن ڪنهن انسان بسم الله چئي تير هنيو حالانڪ اهو تير هن اهڙي جانور کي هنيو آهي، جنهن جو ذبح حرام آهي. اهو پڄندڙ جانورن مان جهڙوڪ- بگهڙ، سوئر وغيره آهي يا ٻيو ڪو مرون آهي، پر اهو تير ان کي نہ لڳو ۽ وڃي ٻئي ڪنهن حلال جانور کي لڳو ۽ اهو يڪدم ڏڪ لڳڻ شرط مري ويو تہ اهڙو جانور شرعاً حلال آهي. اهي مسئلا شڪار جا بيحد پيچيدا ۽ ڏکيا آهن، جن جو سمجهڻ نهايت ضروري آهي.

## شڪار جو تيرهون شرط

جنهن جانور ڏي بسم الله چئي شڪاريءَ باز يا ڪتو ڇڏيو يا جنهن جانور کي بسم الله چئي تير هنيائين، جيئن انهيءَ زخم ۽ گهاءَ سان جانور جو

موت ٿئي، پر جيڪڏهن وچ ۾ ئي جانور جي مرڻ جو ڪو ٻيو سبب بڻجي پيو. مثال اگر بسم الله چئي پکيءَ يا جانور کي تير هنيو ويو اهو وڃي زخمي حالت ۾ پاڻيءَ ۾ ڪريو ۽ اتي ٻڏي مري ويو تہ اهو مئل حرام آهي، پوءِ اهو جانور بحري يعني دريائي هجي يا خشڪيءَ جو ان ڪري جو شايد متان اهو جانور پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ کان پوءِ مئو هجي. مگر جيڪڏهن شڪاريءَ جيڪو تير هنيو آهي يا بسم الله چئي شڪاري جانور شڪار تي ڇڏيو اٿس، ان جي زخم يا گهاءَ سان جانور مري پيو آهي تہ اهو حلال آهي، بشرطيڪ وچ ۾ مرڻ جو ٻيو ڪوبہ سبب پيش نہ آيو هجي.

ڪن ڪتابن ۾ هن طرح آندو ويو آهي تہ حيوان بري ۽ حيوان بحريءَ ۾ فرق آهي. جيئن پاڻيءَ جو پکي ۽ سُڪيءَ جو پکي. پاڻيءَ جي پکيءَ کي بسم الله چئي تير هنيو ويو اهو پکي وڃي پاڻيءَ ۾ ڪريو ۽ ٻڏي مري ويو تہ ڏسبو تہ جيڪڏهن زخم واري جاءِ پاڻيءَ کان مٿي اٿس تہ اهو حلال آهي، جي زخم واري جاءِ ٻڏل آهي تہ اهو حرام آهي، پر جيڪڏهن سُڪيءَ جو پکي زخمي ٿي وڃي پاڻيءَ ۾ ڪري ٻڏي مئو آهي تہ ان جي زخم واري جاءِ چاهي پاڻيءَ ۾ ٻڏل هجي يا پاڻيءَ کان مٿي، ٻنهي صورتن ۾ اهو حرام ۽ کائڻ ناجائز آهي. جيڪڏهن شڪاريءَ بسم الله چئي پکيءَ کي تير هنيو اهو زخمي ٿي ڪنهن پٿر، وڻ يا گهر جي ڇت تي اچي ڪريو يا جبل تي اچي ڪريو پر پوءِ اتان وري اچي زمين تي ڪريو ۽ شڪاريءَ جي پهچڻ کان اڳ مري ويو تہ اهو پکي حرام آهي، ڇو جو هو يڪدم مرڻ واريءَ حالت کان پوءِ گهڻي دير بعد مئو آهي ۽ اهو شڪ ٿي پيو تہ الائجي پٿر وغيره تي لڳڻ سبب يا وڻ تي اچي ڪرڻ وقت ڌڪ سبب هيءُ مئو آهي يا اصل تير جي ڌڪ سبب، پر انهن حالتن ۾ اگر جانور جيئرو لڌو ويو تہ ان کي ذبح ڪري کائڻ حلال آهي، پر تير جي ڌڪ لڳڻ بعد شڪار مٿي چاڙهيل جاين تي ڪرڻ کان پوءِ زمين تي نہ آيو مگر اتي ئي بيهي رهيو يعني روڪجي ويو هيٺ نہ آيو تہ اهو حلال آهي يا وري اصل اچي زمين تي ڪريو آهي تہ اهو حلال آهي.

جيتوڻيڪ زمين تي ڪرڻ سبب ڇيهون ڇيهون يا ذرا ذرا ٿي پوي تہ بہ حلال آهي، پر جي زمين تي ڪو ڀالو يا ڪلو کتل هو شڪار جي زمين





تي ڪرڻ وقت اهو ڪيس لڳو تہ انهيءَ سبب ان شڪار ۾ شڪ پيدا ٿي پيو تنهنڪري اهڙو شڪار حرام آهي، نہ کائبو پر جيڪڏهن ڪنهن شخص بسم الله چئي شڪار کي تير هنيو ۽ اهو زخم کائي وڃي باهہ ۾ ڪريو ۽ مري ويو تہ حرام آهي. اهي سموريون ڳالهيون ان وقت آهن، جنهن صورت ۾ شڪار زخم جي ڪري بروقت نہ مئو هوندو پر جي شڪار زخم ٿيڻ شرط مري ويو يا ان ۾ تمام ٿورڙي حياتي آهي، جهڙي ڪٺل جانور ۾ کهڻ کان پوءِ نظر ايندي آهي، اهڙو جانور انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن پاڻيءَ ۾ ڪري پيو يا باهہ ۾ اچي ڪريو يا جبل تي وڃي ڪريو يا وڻ تي لڳي اچي هيٺ زمين تي پيو تہ ڪتاب ”ڪفايه“ جي قول موجب اهو شڪار حلال ۽ جائز نہ آهي، اهڙيءَ ٿوريءَ حياتيءَ جو فقيهن وٽ موت جو حڪم آهي.

## شڪار جو چوڏهون شرط

شڪاريءَ باز يا پاليل ڪتي کي بسم الله چئي شڪار تي ڇڏيو يا شڪار کي تير هڻي زخمي ڪيائين ۽ جانور يڪدم مري ويو تہ حلال ۽ جائز آهي، پر جي اڃا حيات آهي تہ ان کي کهڻ لازم آهي، پر جانور جو حيات رهڻ ٻن قسمن تي آهي.

1ـ ٿورڙي حياتي: جيئن تہ کهڻ کان پوءِ ٿوري ڪجهہ حياتي جانور ۾ نظر ايندي آهي تہ اهڙي جانور کي کهڻ ضروري نہ آهي، ان جو کهڻ اهو ئي بسم الله چئي ڇڏيل جانور يا بسم الله چئي هلايل تير آهي. اهڙيءَ ٿورڙيءَ حياتي جو حڪم موت ۾ شامل آهي.

2ـ گهڻي حياتي: جيڪا مٿي ڏيکاريل صورت کان زياده هجي تہ اهڙي جانور کي کهڻ ضروري ۽ لازم آهي، اهڙي جانور کي نہ کهبو تہ پوءِ اهڙو مئل جانور حرام ٿي ويندو حلال ناهي، پوءِ چاهي اهو ڄاڻي واڻي ائين ڇڏيو هجيس يا ڪاتي ڳولڻ ۾ ڪيس دير ٿي هجي، پر جي بسم الله چئي شڪاريءَ تير هنيو جنهن تکي لڳڻ سبب جانور کي زخم ڪيو مگر ان جانور ۾ حياتي گهڻي موجود هئي، يعني کهڻ کان پوءِ جيتري حياتي ڪٺل جانور ۾ هجي ٿي، ان کان زياده حياتي شڪار ۾ موجود هئي، مگر شڪار اهڙيءَ جاءِ تي وڃي ڪريو آهي، جتي ڪوبہ ماڻهو موجود ناهي. شڪاريءَ

جي پھچڻ کان اڳ جانور تڙڦي تڙڦي مري ويو مگر شڪاري بہ ان کي برابر تلاش ڪندو رهيو. آخر جانور کي مئل حالت ۾ اچي لڌائين تہ اهڙو مئل جانور حلال ۽ جائز آهي. پر جي تير جي لڳڻ کان پوءِ شڪار ٿيل جانور اهڙيءَ جاءِ تي وڃي ڪريو آهي، جتي اهڙو ماڻهو موجود آهي، جيڪو ان جي ڪھڻ تي قادر آهي. مثال طور: عقلمند ڇوڪرو يا ڪا زال يا ڪو مرد. مگر انهن هن کي ڄاڻي واڻي نہ ڪنو حالانڪ جانور انهن جي سامهون ڦٿڪندو رهيو مگر شڪاري جيستائين جانور کي ڳوليندو اُتي اچي پهتو تيستائين اهو جانور مري ويو تہ اهڙو مري ويل جانور حرام آهي. ڇاهي اتي بيٺل ماڻهو ڄاڻي واڻي ائين نہ بہ ڪيو هجي. مثال طور: هن کي پکيءَ جي ڪرڻ جي خبر نہ آهي، هو پنهنجي ڪنهن ڪم ۾ مشغول آهي يا وري ستل هجي يا وري اتي بيٺل ماڻهو ڪافرن مان يا مجوسين مان آهي، جيڪو انهيءَ عذر ڪري هن کي ذبح نٿو ڪري تہ شڪار حرام ٿي ويندو حلال نہ چئبو.

ڪتاب ”قاضي خان“ ۽ ”ظهيريءَ“ ۾ انهيءَ طرح لکيل آهي، پر اهي سيئي ڳالهيون تڏهن آهن، جو ڪريل جانور ۾ اجا حياتي گهڻي هجي، پر جي جانور مئل اچي ڪريو آهي يا منجهس بلڪل ٿورڙي حياتي آهي تہ پوءِ اهڙو مئل جانور حلال ۽ جائز آهي. جيتوڻيڪ ماڻهن اڳيان اچي ڪريو ۽ يڪدم مري ويو ڇاڪاڻ جو اهڙي ٿورڙي حياتي بہ موت جي حڪم ۾ شامل آهي. پر جي اهو جانور اهڙي بي سمجھ يا صغير ٻار وٽ اچي ڪريو آهي، جيڪو نہ بسم الله ڄاڻي ٿو نہ وري ان کي ڪھڻ جي ڪا خبر آهي تہ ان جي اڳيان اهڙو ڪريل جانور جيڪڏهن تڙڦي تڙڦي مري وڃي ٿو اهو مئل جانور حلال آهي. بشرطيڪ ان کي تير بسم الله چئي هنيو ويو هجي. ڇو جو اهڙي بي سمجھ ٻار جي موجودگي نہ هئڻ جي برابر آهي. ڪتاب ”محيط“ ۾ اهو مسئلو انهيءَ طرح حل ڪيل ملي ٿو.

تمت باالخير

(مسڪين فقير) **محمد اسماعيل**

ولد ميانجي محمد حسين ڪنيار نٿوي





## متفرق مسئلا

ڪنهن مسلمان بسم الله چئي جانور کي تلوار هنئي ۽ اُن جانور جو ڪوبہ هڪ عضوو سندس بدن کان بلڪل الڳ يعني جدا ٿي ويو ۽ جانور يڪدم مري ويو تہ جدا ٿيل عضوي کان سواءِ باقي جانور حلال آهي. باقي جدا ٿيل عضوو هرگز نہ کائبو اهو حرام آهي. اهو حڪم شڪار واري جانور لاءِ آهي، گهريلو جانور لاءِ نہ آهي، پر جيڪڏهن جانور کي تلوار بسم الله چئي اهڙي هنڌان لڳي آهي، جو پورا بہ اڌ ٿي ويو يا بہ پاڱا پيرن ڏانهن ۽ ٽيون پاڱو مٿي جي طرف جدا جدا ٿي ويا تہ اهڙين حالتن ۾ جانور جا ٻئي ٽڪرا کائڻ جائز آهن، ڪو بہ ٽڪرو ڦٽو نہ ڪبو مگر جي شڪاريءَ جي تلوار سان جانور جو ڪو عضوو اهڙيءَ طرح ڪپجي پيو جيڪو اجا جانور جي بدن کان بلڪل جدا نہ ٿيو آهي. اگر ڪو جراح ان کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪري ۽ ڳنڍجي سگهي ٿو تہ پوءِ اهو جانور بمعہ انهيءَ عضوي جي حلال آهي، مگر جي عضوو بلڪل جدا ٿي ويو آهي تہ عضوو کائڻ جي سخت منع آهي، ٻيو جانور جو سمورو گوشت حلال ۽ جائز آهي. ”هدايہ“ ۽ ”ڪافيہ“ ڪتابن ۾ اهڙيءَ طرح بيان ڪيو ويو آهي، پر جيڪڏهن شڪاريءَ ڄاڻي واڻي بسم الله چوڻ ترڪ ڪري بنا بسم الله چوڻ جي جانور کي تلوار هڻي بہ اڌ ڪري وڌو يا بہ حصا پيرن ڏانهن ۽ هڪ حصو مٿي جي طرف ڪپي جدا ڪري ڇڏيائين تہ بسم الله کي ڇڏڻ جي سبب اهو سمورو گوشت يعني سندس ٻئي حصا حرام ٿي ويا. اصل نہ کائبا. پر جي بنا بسم الله جي منڍيءَ جي طرف کان دستور ۽ قاعدي مطابق جانور کي ڪنائين تہ بہ بسم الله نہ چوڻ جي سبب اهو جانور حرام ٿي ويو. ان جو گوشت کائڻ مطلقاً حرام ۽ ناجائز آهي. اهي وڏا پيچيدا مسئلا آهن. هنن کي نهايت غور سان پڙهڻ ۽ سمجھڻ جي ضرورت آهي.

الله تعاليٰ شال سيني مسلمانن کي نيڪ هدايت عطا فرمائي، تن جي صدقي ۾ اسان گناهہ گارن جي بہ بخشش ۽ مغفرت ڪري (آمين ثم آمين)

## اسان جي طرفان وضاحت

جيئن ته علامه الحاج مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو تصنيف ڪيل ڪتاب ”ذبح ۽ شڪار“ اسان هڪ ڇپيل ڪتاب تان نقل ڪري ورتو آهي، جنهن ۾ تخفيف ۽ ترميم ڪري ڪتاب کي آسان بنائڻ جي حتي الامڪان ڪوشش ڪئي اٿئون. مگر تاهم هي ڪتاب پيچيدن مسئلن جو ڪتاب آهي، جنهن جي مصنف مرحوم کي تقريباً 251 سال گذري ويا آهن ۽ ان دور ۾ شڪار اڪثر ڪري باز، شڪري ۽ ڪتن جي ذريعي، يا وري تير ڪمان سان ڪيو ويندو هو مگر هاڻي اهو زمانو ختم ٿي ويو آهي. هاڻي شڪار سواءِ بندوق جي ٻئي ڪنهن به نموني گهٽ ڪري نٿو ڪيو وڃي. تلوار جو دور ختم ٿي ويو آهي، البته ان جي جاءِ تي کهاڙيءَ کي استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان لاءِ ڪتاب ۾ جتي جتي ”تلوار“ جو ذڪر اچي ته هن دور مطابق ان جاءِ تي ”کهاڙيءَ“ کي بدل سمجهيو وڃي ۽ ”تير ڪمان“ جي جاءِ تي ”بندوق“ کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. بندوق جو شڪار هن طرح ٿئي ٿو جو وڏن جهنگلي جانورن جي شڪار لاءِ بندوق ۾ گوليءَ وارو ڪارتوس استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ پکين جي شڪار ۾ اڪثر ڇرن وارو ڪارتوس استعمال ڪيو وڃي ٿو. ٻنهي صورتن ۾ شڪاري جيڪو مسلمان ڪلمي گو آهي، اگر بسم الله چئي جانور يا پکيءَ کي ڌڪ هڻي ٿو اگر پکي يا جانور شڪاريءَ جي پهچڻ کان اڳ مري ويو ته به گولي يا ڇرن جي مڏائيءَ سبب ان جو گوشت کائڻ جائز نه آهي؛ پر جيڪڏهن جانور ڦٿڪي يا تڙڦي رهيو آهي ۽ منجهس ساهه موجود آهي ته ان کي تڪبير وجهي لازمي حلال ڪرڻ گهرجي. اگر شڪاري ڌڪ لڳل شڪار کي پهچي چڪو آهي ۽ جانور زخم جي سبب تڙڦي رهيو آهي، مگر شڪاريءَ هن کي حلال نه ڪيو ۽ جانور ڪافي دير تائين تڙڦي تڙڦي مري ويو ته اهڙو جانور ڪراهت تحريميءَ ۾ شمار ٿيندو، جنهن جو گوشت کائڻ حرام آهي. ان ڪري ڌيان رکڻ ضروري آهي. باقي تڪبير ڪيئن وجهجي يا گردن جون ڪيترين





رڳون ڪپجڻ لازمي آهن ۽ ٻين ننڍين وڏين ڳالهين تي مصنف مرحوم تمام چڱي روشني وجهي ڇڏي آهي. تنهن لاءِ انهن جي بيان ڪرڻ جو هتي وري ٻيهر ڪو ضرور ڪونهي. مگر هن ڪتاب کي نهايت باريڪيءَ سان غور ڪري پڙهڻ گهرجي، جيئن هن جا گهرا مسئلا سمجهه ۾ اچي وڃن. الله تعاليٰ اسان جي هن ادنيٰ ڪوشش کي ڪامياب فرمائي- آمين.

آخر ۾ دعا آهي ته الله تعاليٰ اسان کي حلال رزق کائڻ جي توفيق عطا فرمائي- آمين ثم آمين.

**فقير محمد اسماعيل ڪنيار ٺٽوي**

**حاجي عبدالحسين**

ولد حاجي علي محمد وينجهر